# شهري

**شهري براءِ بهتر ماحول**

جولاءِ کان ڊسمبر 2019ع

CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT


ان ۾ ڪو به شڪ نا هي ته شهرين جو هڪ
ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي
اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

# ڪڊني هل پارڪ

## شهري ۽ غير معمولي ڪاميابي




انهيءَ 62 ايڪڙ جڳهه جي ڪي ڊي اي آرڊر- 1957ع جي تحت اسڪيم 32 ”فلڪ نما“ جي حيثيت سان منصوبه بندي ۽ اعلان ڪيو ويو. بعد ۾ ان جو نالو ”احمد علي پارڪ“ رکيو ويو جيڪو 1960ع ۽ 1970ع جي ڏهاڪن جي دوران ڪراچي جي مختلف ترقياتي اسڪيمن جي ماسٽر پلان تخليق ڪندڙ ماهر منصوبه ساز جي اعزاز ۾ ان جي نالي سان منسوب ڪيو ويو هو. هل ٽاپ سطح تي اتر، ڏکڻ، اولهه ۾ فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۽ اوڀر ۾ اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (ICHS) سان گهريل آهي. هي ٻئي ڪوآپريٽو سوسائٽيون ڪراچي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽيز (KCHSU) جو حصو آهن. 05 ڊسمبر 1969ع تي جاري ٿيل هڪ اعلان مطابق ”فلڪ نما“ لاڳاپيل آبادي جي لاءِ هڪ ڪليل پاڻي لاءِ ذخيرو ڪرڻ جو هنڌ هو. جڳهه ڪي جاگرافيائي بيهڪ تحت ڪيس هڪ تفريحي اسڪيم جي حيثيت سان ترقي ڏني وئي، جيڪو راند جي ميدان، گهوڙي سواري جو رستو، ڪلب، ريسٽورنٽ، باغ، هڪ ڍنڍ، ٽينس ڪورٽ، سائنس ميوزيم/ رصدگاهه ۽ ٿانهين جي تحفظ تي مشتمل آهي، هيءَ چوٽي شهر جي خاص نشان جي حيثيت سان جبل طارق جي نالي سان مشهور آهي.

| | |
|---|---|
| ڪيس آئيني پٽيشن نمبر 1314/1990 (جنهن کي اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران داخل ڪيو ويو) ۾ شهري-سي بي اي ٻين 13 شهرين سان گڏجي 1999ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڌر بڻجڻ جي درخواست ڏني. | |
| ڪڊني هل ۾ پلاٽن جي غير قانوني الاٽمينٽ جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهري-سي بي اي پاران علائقي واسين سان گڏجي هڪ آئيني پٽيشن نمبر 160/2007 ۾ داخل ڪئي. | |
| سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ آئيني پٽيشن نمبر 160/2007ع | |
| 1- مسمات مريم حاجي (ويٺل اوورسيز سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 8- مريم اسماعيل (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 2- سيد عماد الدين رفاعي (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 9- محمد انور عباس (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 3- عبيد اقبال (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 10- رشيد احمد (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 4- حاجي قاسم (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 11- هارون ميان انور (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 5- انور احمد (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 12- راشد موتن (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 6- ممتاز حاجي (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 13- عبدالمالڪ (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) |
| 7- مسمات صديقه علي پائي (ويٺل فاران سي ايڇ ايس، ڪراچي) | 14- شهري- سي بي اي (شهري بهتر ماحول لاءِ) |

## اندريان صفحا


استعمال لائق ايراضين تي قبضن .... 11
شهري ٽرانسپورٽ ۾ حڪمت عملي... 13
گڏيل حڪمراني وسيلي ڪميونٽي .... 16
ٻوٽن جي وڍڪاري - ماحولياتي ........ 20
ڪراچي سان اڃا به پيار آهي 22

شهري

R-88، بلاڪ 2، پي اِي سي ايڇ ايس،
ڪراچي 75400، پاڪستان
ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم

انتظامي ڪميٽي:
چيئرپرسن: ڊاڪٽر قيصر بنگالي
وائس چيئرپرسن: سمير حامد ڊوڍي
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ميمبر: دانش آذرزوبي،
محمد علي رشيد ۽
ساليقه انور

باني ميمبر:
مسٽر خالد ندوي، بيرسٽر قاضي فائز عيسيٰ،
حميرا رحمٰن، دانش آذرزوبي، نويد حسين،
بيرسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

شهري اسٽاف:
ڪو آرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهه
آفيس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفيس بواءِ: خورشيد احمد
سيڪيورٽي گارڊ: محمد مجاهد

قلمڪارن لاءِ هدايتون:
اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هئڻ ضروري نه آهي.

Production:
SAUDAGAR ENTERPRISES
Web: www.saudagar.com.pk
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن

گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران وڌندڙ آبادي جي دٻاءَ ۽ زمين جي قيمت ۾ بي پناهه اضافي جي تحت لينڊ مافيا پاران ڪڊني هل واري ڪليل جڳهه تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ويا. باغ جي لڳ رهائشي پلاٽن ۾ ٿوري ٿوري جڳهه شامل ڪئي وئي ۽ وقت گذرڻ سان گڏو گڏ پارڪ جي ڪيترن ئي حصن تي ناجائز قبضا ڪيا ويا. جنهن تي بعد ۾ ڪيس هلڻ شروع ٿيا. 1979ع ۾ اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۽ الرياض ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران ڪم ۽ ترقيات واري وزارت کان ڪين رهائشي پلاٽ الاٽ ڪرڻ جي لاءِ رابطو ڪيو ويو.

1984ع ۾ ڪڊني هل پارڪ وارو علائقو گڏيل طور تي وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، بورڊ آف روينيو، سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ، ميئر ڪراچي عبدالستار افغاني، ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي زيڊ اي نظامي ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪي سي ايڇ ايس يو پاران ڪي ايم سي (پارڪس ڊپارٽمينٽ ) کي هڪ پارڪ قائم ڪرڻ جي حوالي ڪيو. (پر ڪي ايم سي پارڪس ڊپارٽمينٽ پاران ان سلسلي ۾ ڪوبه ڪم نه ڪيو ويو).

ان وقت کان وٺي هاڻي تائين اهو مسئلو جيئن جو تيئن پيل آهي، ڪي ڊي اي پاران ان جو لي آئوٽ پلان رد ڪيو، الاٽمينٽ رد ڪئي وئي ۽ او سي ايڇ ايس، اي سي ايڇ ايس ۽ رهائشي ماڻهن پاران اعليٰ عدالتن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا.

2006ع ۾ او سي ايڇ ايس، ڪي سي ايڇ ايس يو، حڪومت پاڪستان، منسٽري آف ورڪس، حڪومت سنڌ ۽ شهري ضلعي حڪومت ڪراچي پاران هڪ ”وقف جي معاهدي“ تي صحيحون ڪيون، جنهن تحت ڪڊني هل پارڪ جي هڪ رهائشي اسڪيم جي حيثيت واري منصوبه بندي ڪرڻي هئي ۽ رڳو هڪ ايڪڙ ايراضي پارڪ جي لاءِ ۽ وڌيڪ هڪ ايڪڙ ايراضي کي ڊبليو ايس بي جي پاڻي وارن ذخيرن جي لاءِ رکڻي هئي.

ڏوڪو ڏيڻ واري اهڙي معاهدي جي خلاف شهري- سي بي اي ۽ ٻين لاڳاپيل شهرين پاران سنڌ هاءِ ڪاورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي. شهري سي بي اي جي ميمبرن ۽ سنڌن خاندانن کي ڏنل موتمار ڌمڪين جي باوجود ڪيس جي پيروي اڃان تائين جاري آهي ۽ بهار جهڙي هڪڙي اميد باقي آهي.

گذريل 16 سالن جي دوران شهري- سي بي اي ۽ ٻين ڌرين پاران ٽن عدالتن ۾ داخل ڪيسن جي مطابق ڪڊني هل پارڪ سان لاڳاپيل واقعن بابت ڪهاڻي هيٺ پيش ڪجي ٿي:

## سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيس

| ڪيس نمبر | فريادي | جوابدار |
|---|---|---|
| آئيني پٽيشن نمبر: 1314/1990 | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي | حڪومت پاڪستان ۽ ٻيا |
| | 1990ع ۾ شهري سي بي اي ۽ فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي 14 رهاڪن پاران ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ جي درخواست ڏني. | |
| ڪيس نمبر: 1582/97 | مسمات مريم حاجي ۽ ٻيا (فاران ڪوآپريٽو سوسائٽي جا رهاڪو) | فائونڊيشن پبلڪ اسڪول ۽ ٻيا |
| آئيني پٽيشن نمبر 160/2007 | شهري سي بي اي ۽ ٻيا | حڪومت پاڪستان ۽ ٻيا |
| ڪيس نمبر: 1370/2008 | اردشير ڪائوسجي ۽ ٻيا | حڪومت پاڪستان |
| ايڇ سي اي نمبر: 152/2018 | فائونڊيشن پبلڪ اسڪول ۽ ٻيا | مسمات مريم ۽ ٻيا ( FCHS جا رهائشي) |
| ڪارروائي نمبر: 44/2018 (ڪارروائي لاءِ پيل) ڪيس نمبر: 1582/1997 | مسمات مريم حاجي ۽ ٻيا (ڪارروائي لاءِ پيل) | مسمات ياسمين آرمنهاس ۽ ٻيا |
| سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ داخل ڪيس | | |
| سول اپيل نمبر 2001/306 | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي | حڪومت پاڪستان ۽ ٻيا |

# واقعن جو وچوڙ

| تاريخ | واقعا |
|---|---|
| 07 جون 1960 ع | ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) پاران پنھنجي گورننگ باڊي ميٽنگ ۾ ڪڏني ھل بابت اعلان جي جاري ٽينڊر جي منظوري ڏني. |
| 14 سيپٽمبر 1963 ع | ڪراچي ڪوآپريٽو ھائوسنگ سوسائٽي يونين (ڪي سي ايچ ايس يو) پاران ڪڏني ھل جي الاٽمينٽ جي لاءِ ڪي ڊي اي کي درخواست ڏني. |
| 05 آڪٽوبر 1963 ع | ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي 0ڪي ڊي اي) پاران ڪي سي ايچ ايس يو جي پاران ڏنل ڪڏني ھل جي الاٽمينٽ جي درخواست رد ڪئي. |
| 03 سيپٽمبر 1964 ع | جي سي ايڇ ايس يو پاران پنھنجي خط ۾ تسليم ڪيو تہ ڪڏني ھل جي ايراضي کي ھڪ ڪليل جڳھ جي حيثيت سبب محوظ ڪيو ويو آھي. |
| 07 نومبر 1966 ع | ڪي ڊي اي جي آرڊر 1957 ع جي آرٽيڪل 45 تحت ڪڏني ھل جي اسڪيم 32 "فلڪ نما" جي حيثيت تحت اعلان ڪيو ويو ۽ سموري سطح تي مرتفع 62 ايڪڙ ايراضي کي ڪليل جڳھ جي حيثيت سان درجا بندي ڪئي وئي، جنھن کي تفريح واري ھنڌ جي حيثيت سان ترقي ڏني ويندي. جنھن مان 18 ايڪڙ ايراضي لاڳاپيل ڪراچي ڪوآپريٽو ھائوسنگ سوسائٽي يونين جي لاءِ پاڻي جو ذخيرو/ جمع ڪرڻ جي لاءِ مخصوص ڪئي وئي آھي. ڪي سي ايچ ايس يو جي لي آئوٽ پلان ۾ ان 62 ايڪڙ ايراضي کي فلاحي ايراضي جي حيثيت سان تسليم ڪيو ويو. 1966 ع ۾ پھريون ڀيرو اعلان شايع ڪيو ويو. مختلف سوسائٽين سان گڏو گڏ سوسائٽي جي سربراھ سوسائٽي پاران اعتراض اٿاريا ويا. |
| 17 جولاءِ 2067 ع | ڪي سي ايس يو پاران ڪراچي يونين ۽ ڪڏني ھل واري علائقي جي وچ ۾ 40 فوٽ ويڪرو روڊ تعمير ڪرڻ جي لاءِ ڪي ڊي اي کي درخواست ڪئي. |
| 05 سيپٽمبر 1969 ع | 05 سيپٽمبر 1969 ع ۽ 12 سيپٽمبر 1969 ع تي ٻيھر اعلان شايع ڪيو ويو. جنھن تي ڪنھن بہ حلقي پاران ڪوبہ اعتراض نہ اٿاريو ويو. انھيءَ اعلان مطابق ڪي ڊي اي جي سموري علائقي ۾ ھڪ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي جڳھ ۽ تفريحي پارڪ جي تعمير ڪندي جيڪو ڪڏني ھل جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو 7 جنھن کي ڪي ڊي اي اسڪيم 32 "فلڪ نما" جو نالو ڏنو ويو آھي ۽ جنھن جي ايراضي تقريبن 62 ايڪڙن تي مشتمل آھي ۽ جنھن کي ڪراچي جي ماسٽر پلان ۾ ھڪ ڪليل ھنڌ جي حيثيت تحت درجہ بندي ڪيل آھي. مڪمل خطح مرتفع ڪراچي ڪوآپريٽو ھائوسنگ سوسائٽي يونين جي علائقي جي وچ ۾ آھي |
| 11 اپريل 1979 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو ھائوسنگ سوسائٽي ۽ الرياض ڪوآپريٽو ھائوسنگ پاران فيڊرل منسٽري آف ورڪس جي آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري فلاحي ايراضي جي غير قانوني الاٽمينٽ ڪرائي. |
| 1981 ع | عوام جي ڪاوڙ ۽ ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي ميئر عبدالستار افغاني پاران صدر ضياءَ الحق جي سامھون اھڙي معاملي کي اٿاريو. جنھن پڻ ان سلسلي ۾ حڪم نامو نمبر:871/1981 جاري ڪيو. |
| 08 فيبروري 1982 ع | چيف مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر پاران حڪم ڏنو ويو تہ ڪڏني ھل کي پارڪ جي حيثيت برقرار رکي وڃي. |
| 04 فيبروري 1984 ع | جوائنٽ سيڪريٽري منسٽري آف ورڪس، ڪمشنر ڪراچي، سيڪريٽري ھائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ ممبر (ايراضي جو استعمال) بورڊ آف روينيو حڪومت سنڌ جي پاران ڪي ڊي اي پاران ڊائريڪٽر جنرل، ايم ڊي، ڪي سي ايچ سيس يو ۽ ميئر عبدالستار افغاني پاران گڏيل طور تي ڪڏني ھل کي ڪي ايم سي جي حوالي ڪيو تہ جيئن ان کي پارڪ جي حيثيت سان ترقي ڏني وڃي. ان عمل جي اسسٽنٽ سروي آفيس (ايسٽ) جي اعلان اي سي ايس او /60 بتاريخ 04 فيبروري 1984 ع جي وسيلي تصديق ڪئي وئي. |
| 31 ڊسمبر 1984 ع | ڊپٽي سيڪريٽري منسٽري آف ورڪس پاران خط نمبر ايف 15 (1)/76_ دي اي اين جي وسيلي او سي ايچ ايس ۽ اي سي ايچ ايس جي الاٽمينٽ رد ڪئي. |
| 20 آڪٽوبر 1968 ع | ميئر ڪراچي پاران چيف سيڪريٽري حڪومت سنڌ کي خط لکيو تہ سموري تعميراتي منصوبي کي رد بابت درخواست ڪئي. ھن اھا پڻ درخواست ڪئي تہ ڪنھن نئين منصوبي جي اجازت نہ ڏني وڃي. ھي معاملو علائقي واسين پاران ائريڪٽر ماسٽر پلان ڪي ڊي اي جي سامھون پڻ اٿاريو ۽ علائقي ۾ ٽينڊرز غير قانوني سرگرمين ڏانھن پڻ ڌيان ڇڪرايو. |

| | |
|---|---|
| پهرئين جنوري 1990 ع | **آئيني پٽيشن نمبر 1314/1990**<br>**اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي**<br>**نالي**<br>**حڪومت پاڪستان ۽ ٻيا**<br>اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران پنهنجي الاٽمنٽ جي رد ٿيڻ خلاف هڪ آئيني پٽِشن نمبر: 1990/1314 منسٽري آف ورڪس، حڪومت پاڪستان، ڪي ڊي اي ۽ ڪي ايم سي جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي. عدالت پاران پلاٽ لاءِ ناظر کي هاءِ ڪورٽ جي نگراني هيٺ ڏئي ڇڏيو. |
| اپريل 1990 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران پنهنجي الاٽمنٽ جي رد ٿيڻ خلاف هڪ آئيني پٽِشن نمبر: 1990/1314 منسٽري آف ورڪس، حڪومت پاڪستان، ڪي ڊي اي ۽ ڪي ايم سي جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي. عدالت پاران پلاٽ لاءِ ناظر کي هاءِ ڪورٽ جي نگراني هيٺ ڏئي ڇڏيو. |
| 08 مئي 1990 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران پنهنجي الاٽمنٽ جي رد ٿيڻ خلاف هڪ آئيني پٽِشن نمبر: 1990/1314 منسٽري آف ورڪس، حڪومت پاڪستان، ڪي ڊي اي ۽ ڪي ايم سي جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي. عدالت پاران پلاٽ لاءِ ناظر کي هاءِ ڪورٽ جي نگراني هيٺ ڏئي ڇڏيو.<br>ميئر ڪراچي پاران پڻ اختيار وسيلي واضع ڪيو ته اهو پلاٽ رڳو پارڪ جي استعمال جي لاءِ مخصوص ٿيل آهي. |
| 26 آگسٽ 1990 ع | گورنر سنڌ پاران حڪم ڏنو ويو ته دراني جي حڪم تي عمل نه ڪيو وڃي. سنڌ حڪومت جي سيڪشن آفيسر پاران هڪ خط بتاريخ 26 آگسٽ 1990 ع تي لکي تصديق ڪئي وئي ته انهيءَ هنڌ تي هڪ پارڪ ئي قائم ڪيو ويندو. |
| 02 آڪٽوبر 1991 ع | ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي پاران پنهنجي راءِ سنڌ حڪومت کي موڪلي وئي. |
| 21 نومبر1991 ع | ناظر پنهنجي شاهدي ڏيڻ جي لاءِ عدالت ۾ پيش ٿيو ته آئيني پٽيشن نمبر: 1990/1314 ۾ 21 نومبر 1991 ع تي جاري ٿيڻ واري حڪم جي مطابق پالاٽ ان جي قبضي هيٺ آهي. |
| 1995 ع سال | 1995 ع ۾ علائقي واسين پاران ان ويلفيئر واري پلاٽ تي ڪجهه تعميراتي سرگرمين جو مشاهدو ڪيو ۽ کين معلوم ٿيو ته ڪڊني هل جي هڪ حصي ۾ فائونڊيشن پبلڪ اسڪول هڪ تجارتي اسڪول قائم ڪرڻ جي خواهشمند آهي (جنهن جي ايراضي 6189 چورس فوٽ تقريبن 1.28 ايڪڙن تي مشتمل آهي.) علائقي واسين پاران فوري طور تي چيف سيڪريٽري، حڪومت سنڌ کي آگاهي ڏني ته پلاٽ تي اسڪول جي تعمير جي تجويز تي نئين سر غور ڪيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان جي ڪري علائقي واسين کي سخت ڳڻتي آهي ۽ پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويندا. |
| 25 فيبروري 1996 ع | پارڪ جي لاءِ مخصوص ڪيل پلاٽ تي غير قانوني تعمير روڪڻ واري معاملي ۾ مداخلت ڪرڻ جي لاءِ علائقي واسين وزير اعليٰ سنڌ کي خط لکيو. |
| 10 مارچ 1997 ع | وزير اعليٰ سنڌ پاران چيف سيڪريٽري ۽ هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ کاتي کي غير قانوني تعمير روڪڻ جي لاءِ هدايتون جاري ڪيون ۽ ان معاملي ۾ کنيل قدمن بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. |
| 11 مئي 1997 ع | فريادي جي وڪيل پاران سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ کاتو کي درخواست ڏني ته وزير اعليٰ وٽ رپورٽ پيش ڪرڻ کان اڳ کين ٻڌڻي جو موقعو ڏنو وڃي |
| 29 نومبر 1997 ع | سمورن خدشن کان اڪ چراند ڪندي ڪڊني هل ۾ اسڪول جي تعمير جي خلاف فاران ڪوآپريٽو سوسائٽي جي رهاڪن پاران فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جي مالڪ جي خلاف ڪيس نمبر: 1997/1582 داخل ڪئي. (فائونڊيشن اسڪول جا مالڪ ظاهر ڪري رهيا هئا ته ويلفيئر پلاٽ نمبر 137 ڪڊني هل جي اندر آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ اها جڳهه فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي اندر هڪ پارڪ جي لاءِ مخصوص ڪيل آهي.<br>ٻڌڻي جي تاريخ 20 سيپٽمبر 2017 ع ، 02 آڪٽوبر 2017، 09 آڪٽوبر 2017 ع، 02 ڊسمبر 2017 ع، 09 ڊسمبر 2017 ع ، 16 ڊسمبر 2017 ع، 13 جنوري 2018 ع، 27 جنوري 2018 ع.<br>فيصلي جي اعلان جي تاريخ 02 اپريل 2018 ع |

| | |
|---|---|
| 08 آڪٽوبر 1998 ع | ڪيس نمبر: 1582/1997 (جيڪو علائقي واسين پاران داخل ڪيو ويو هو) ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ناظر کي حڪم ڪيو ويو تہ هو عدالت وٽ ان سلسلي ۾ رپورٽ پيش ڪري، جنهن ۾ پلاٽ نمبر 137، فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي اصل حالت جي تصديق ڪئي وئي هجي ۽ ڪيس ۾ شامل پلاٽ ان جي قبضي ۾ آهي يا نہ. |
| 12 آڪٽوبر 1998 ع | عدالت جي حڪم جي تعميل ڪندي ناظر پاران ڪيس جي لاءِ 12 آڪٽوبر 1998 ع جي تاريخ مقرر ڪئي ۽ ان حوالي سان ڊائريڪٽر، ماسٽر پلان ڊپارٽمينٽ ڪي ڊي اي، ڊائريڪٽر پارڪس، ڪي ايم سي ۽ ڪيس (ڪيس نمبر: 1582/1997) جي ٻنهي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيا. |
| 12 آڪٽوبر 1998 ع | فريادي ۽ جوابدار جو وڪيل، ڊائريڪٽر اخلاق خان سان گڏ محمد سرفراز خان، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ماسٽر پلان ڊپارٽمينٽ ڪي ڊي اي، لال محمد، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، پارڪس ڪي ايم سي، ايم. صديقي ۽ الطاف احمد خان، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ليند ڊپارٽمينٽ، ڪي ايم سي لاڳاپيل رڪارڊ سان سان ناظر جي اڳيان پيش ٿيا. ڊائريڪٽر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ماسٽر پلان ڊپارٽمينٽ، ڪي ڊي اي پاران تصديق ڪئي وئي تہ پلاٽ نمبر 137، فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، لي آئوٽ پلان جي مطابق جنهن کي ڪي ڊي اي جي ريڪارڊ جي مطابق ڪي ڊي اي پاران 1974 ع کان پوءِ تيار ڪيو، ڪڏني هل جي حدن کان ٻاهر آهي. |
| 14 آڪٽربر 1998 ع | ناظر جي رپورٽ سان اهو واضع ٿيو تہ پالاٽ نمبر 137 ڪڏني هل جي حدن کان ٻاهر موجود آهي جڏهن تہ تعميراتي ڪم ڪڏني هل جي اندر جاري رکيو ويو. |
| 1999 ع -شهري- سي بي اي ڪڏني هل پارڪ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اهڙي جدوجهد ۾ شامل ٿي. | |
| 1999 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران داخل ڪيل آئيني پٽيشن نمبر 1314/1990۾ 14 رهاڪن ۽ شهري-سي بي اي پاران ڪيس ۾ پائيوار ٻڌڻ جي لاءِ درخواست ڏني. درخوست منظور ڪئي وئي پر اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران هاءِ ڪورٽ جي اهڙي حڪم جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ سول اپيل نمبر 306/2001 داخل ڪئي وئي. |
| 25 سيپٽمبر 2005 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران سالياني عام اجلاس منعقد ڪيو ۽ پنهنجي ميمبرن کي آگاهہ ڪيو تہ ڪڏني هل جي معاملي ۾ عدالت کان ٻاهر فيصلو ڪرڻ لاءِ سنڌ جي گورنر سان ڳالهيون جاري آهن. |
| 27 ڊسمبر 2005 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جو هڪ خاص اجلاس گهرايو ويو ۽ ميمبرن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ حقيقي صورتحال پٽاندڙ گورنر سنڌ سان ٿيل ٻن ملاقاتن ۾ آگاهہ ڪيو ويو تہ عدالت کان ٻاهر فيصلو ڪيو ويو جنهن جا نقطا هيٺ ڏجن ٿا:<br>1. اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي ميمبرن هڪ پارڪ جي لاءِ پنهنجي رهائشي پلاٽن جي ايراضي ۾ گهٽتائي ڪندا.<br>2. روڊ گهٽ ۾ گهٽ 30هن کان 40 فوٽ ويڪرا هوندا.<br>3. سمورن پلاٽن جي ايراضي هڪ جيتري گهٽائي ويندي. |
| 18 جون 2006 ع | اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، ڪراچي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽيز يونين، حڪومت پاڪستان/منسٽري آف ورڪس، حڪومت سنڌ، سهري ضلعي حڪومت ڪراچي پاران " ٺاهہ واري معاهدي" تي صحيحون ڪيون ويون ۽ ڪڏني هل کي ورهايو ويو. (گذريل 40 سالن دوران ان جي چوڌاري پلاٽن تي ناجائز قبضن جي ڪري ڪڏني هل جي ايراضي گهٽجي55 کان 62 ايڪڙ رهجي وئي) تقريبن 66 سيڪڙو حصو رهائشي پالاٽن ۽ ان جي وچ ۾ روڊن تي مشتمل آهي. |
| 16 نومبر 2006 | سيڪريٽري منسٽري آف ورڪس پاران ٺاهہ تي اتفاق ڪيو ويو. |
| 11نومبر 2006 ع | سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران ٺاهہ "فيصلي وارو معاهدو" جي بنياد تي اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران داخل ڪيل سول اپيل نمبر 2001/306 خارج ڪئي ۽ علائقي واسين ۽ شهري-سي بي اي کي هڪ نئين درخواست داخل ڪرڻ جي اجاز ڏني وئي، پر جيڪڏهن انهن جي مرضي هجي. |
| 12ڊسمبر 2006 ع | ڪراچي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽيز يونين جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايم-شريف پائي جي پاران شهري ضلعي حڪومت ڪراچي جي ماسٽر پلان گروپ آف آفيسز ۾ ڪڏني هل جوسب ڊويزن پلان جمع ڪرايو، جنهن جون جواب هيٺئين طرح سان ڏنو ويو.<br>1. ڪي بي ايند ٽي پي ريگيوليشنز 2002 ع جي شق 1-4-18 جي مطابق ڪوبہ ويلفيئر پلاٽ جيڪو ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هجي، ان کي ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي. |

| | |
|---|---|
| | 2. اسڪيم 32 جي لي آئوٽ پلان جي مطابق توهان پاران جمع ڪرايل انهيءَ لي آئوٽ پلان ۾ ڪي ڊي اي ۾ پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ جي لاءِ 18 ايڪڙ ايراضي (تقريبن) ظاهر ڪئي وئي آهي. جنهن لاءِ ڪي ڊبليو ايس بي پاران جاري ڪيل اين او سي جمع ڪرائڻ ضروري آهي<br>3. جيئن ته اسڪيم 32 جي ڪدني هل (اوپارو) جي حيثيت سان اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي لاءِ (18 ايڪڙ) ايراضي شامل آهي، جنهن لاءِ حڪومت سنڌ جو اعلان ڪرائڻ ضروري آهي.<br>4. معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پنڊنگ هيٺ آهي، اهڙي صورتحال بابت تصديق ڪرڻ جي ضرورت آهي.<br>5. پريس پبلڪ نوٽيس ٻن وڏين اخبارن (انگريزي ۽ اردو) ۾ ڪي بي ٽي پي ريگيوليشنز 2002ع جي مطابق شايع ڪرائڻ ضروري آهي. |
| 23 جنوري 2007 ع | سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران داخل ڪيل آئيني پٽيشن 1314/1990 راضي نامو "ٺاهه جي معاهدو" جي بنياد تحت خارج ڪئي وئي پر علائي واسين ۽ شهري-سي بي اي کي 15 ڏينهن اندر نئين پٽيشن داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. |
| 2 فيبروري 2007 ع | شهري-سي بي اي پاران ڪدني هل سان لاڳاپيل هيٺ ڏنل معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ کي خط لکيو ويو:<br>1. ڪي ڊبليو ايس بي جي قبضي ۾ ڪدني هل جو ڪيترو علائقو آهي.<br>2. پاڻي ذخيرو ڪرڻ سان ڪيترن گهرن کي پاڻي مهيا ٿي رهيو آهي.<br>3. نئين تجويز ڪيل هائوسنگ اسڪيم جي لاءِ ڪي ڊبليو ايس بيءَ جو ڪهڙو طريقيڪار آهي.<br>4. ڇا تجويز ڪيل سب ڊويزن لي آئوٽ پلان ڪي ڊبليو ايس بي جي صلاح مصلحت تحت تيار ڪيو ويو آهي يا نه. |
| 6 فيبروري 2007 ع | شهري-سي بي اي پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني پٽيشن نمبر 160/2007 داخل ڪئي. |
| 6 فيبروري 2007 ع | علائقي جي 14 رهاڪن ۽ شهري-سي بي اي پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني پٽيشن نمبر 160/2007 داخل ڪئي. |
| 12 فيبروري 2007 ع | عدالت ۾ (آئيني پٽيشن نمبر (160/2007) درخواست ڏني وئي ته پٽيشن منجهان 14 رهاڪن جا نالا ڪڍيا وڃن. درخواست کي موتمار ڌمڪين سبب منظور ڪيو ويو. |
| 18 فيبروري 2007 ع | ارد شير ڪائوسجي پاران ڪدني هل اسڪينڊل ۽ علائقي واسين کي ملندڙ موت وارين ڌمڪين بابت روزاني ڊان ۾ هڪ مضمون لکيو ويو. |
| 19 فيبروري 2007 ع | شهري-سي بي اي جي ميمبرن ۽ سندن خاندانن کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون ويون. |
| 21 فيبروري 2007 ع | شهري-سي بي اي ۽ ٻين لاڳاپيل شهرين سميت غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي. هڪ وڏي انگ ۾ ماڻهن توڙي شهري گروپن پاران وڪالت نامو جمع ڪرايا ويا. |
| 22 فيبروري 2007 ع | شهري جي اپيل روزاني ڊان ۾ شايع ٿي. عبدالحفيظ پيرزاده پاران اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران وڪالت نامو پيش ڪيو ايندڙ ڪجھ ڏينهن ۾ شهري-سي بي اي جي ميمبرن کي ڌمڪيون ملڻ ۾ اضافو ٿيو. |
| 25 فيبروري 2007 ع | ارد شير ڪائوس جي پاران ڪدني هل سان لاڳاپيل روزاني ڊان ۾ هڪ مضمون لکيو ويو. |
| 26 فيبروري 2007 ع | شهري ميمبرن پاران داخل ڪيل ڪيس ۾ سموري شهر مان شهري گروپ پٽيشنر جي حيثيت سان ڪيس ۾ شامل ٿيا. |
| 27 فيبروري 2007 ع | شهري-سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري جي خاندان کي هڪ شخص جنهن جي سڃاڻپ جاويد جي نالي سان ٿي، انهيءَ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. هن دفعي دبئي مان ڪال ڪئي (سيل نمبر: 00971507542026) انهيءَ ٻڌايو ته سندس پٽ ۽ پوڙهي سهري جون تصويرون ۽ سموري خاندان جي فردن جا فوٽو گراف ان جي سامهون موجود آهن. جيڪڏهن هو انهن جي جو خير گهري ٿو ته ڪيس کان جدا ٿي وڃي. |

| | |
|---|---|
| 1 مارچ 2007 ع | شهري ـ سي بي اي پاران عدالت ۾ ڪيس کان هٿ ڪڻ جي درخواست جمع ڪرائي ۽ هڪ وڳي ٻيپهري گورنر سنڌ سان ملاقات ڪئي. اها ملاقات هڪ وڳي کان 04 وڳي شام تائين جاري رهي. گورنر سنڌ پاران مفاهمتي معاهدي جو ٻيهر جائزو وٺڻ تي راضي ٿيو. شام جو 05 لڳي 28 منٽن تي جاويد پاران سيل نمبر:( 0302_2463514 ) جي نمبر تان ڪال ڪئي ۽ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته مان گورنر هائوس ۾ ٿيل هڪ ملاقات ۾ ڪيل سموري گفتگو ڄاڻان ٿو ۽ هي ايم ڪيو ايم جو پيسو ناهي. هي منهنجو پيسو آهي ۽ مون 70 ڪروڙ رپين جي سيڙپڪاري ڪئي آهي ۽ وڌيڪ 20 ڪروڙ رپيا پڻ خرچ ٿي ويندا ته ڪوبه فرق نه ٿو پوي ۽ جيڪڏهن اسان کي زمين نه ملي ته اسان توهان سڀني جون زندگيون ختم ڪري ڇڏينداسين. |
| 02 مارچ2007 ع | شهري ـ سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائي پاران فيروز آباد ٿاڻي تي پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 506/B جي تحت ايف آءِ آر نمبر: 07/164 داخل ڪرائي. |
| 3 مارچ 2007 ع | 9 لڳي 24 منٽن تي هڪ ڌمڪي واري ڪال وصول ٿي، جنهن ۾ ڪال ڪندڙ شخص پاران ڌمڪي ڏني وئي ته توهان وٽ ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ 24 ڪلاڪ آهن. جيڪڏهن جاويد جي خواهش جي مطابق عمل نه ڪيو ويو ته ٻي صورت ۾ توهان کي سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. موبائل فون جو نمبر 0391_4205249 هيو. ايم ڪيو ايم جي نمائندي ڊاڪٽر فاروق ستار کان جنرل سيڪريٽري جي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ ايندڙ سموريون ڌمڪيون بند ٿي ويون. عدالتي طور تي هٿ ڪڻ واري درخواست رد ڪئي وئي. |
| 29 سيمپٽبر 2008 ع | سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وفاق پاڪستان ۽ ٻين جي خلاف اردشير ڪائوسجي ۽ ٻين هڪ نئون ڪيس نمبر 1370/2008 داخل ڪيو. ان ۾ نئون فريادي هو، ڇاڪاڻ ته آئيني پٽيشن 160/2007 جو فريادي 14 علائقي واسي مليل ڌمڪين کان ڊڄي ڪري آئيني پٽيشن تان هٿ ڪڻي ويو. |
| | فريادي جي وڪيل بيريسٽر ايم. نعيم الرحمان پاران بحث ڪيو ويو ته اسڪيم 32 جي 62 ايڪڙن تي مشتمل ايراضي وارو علائقو آهي، جنهن کي ڪڏني هل جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. 1948 ع ۾ ڪراچي پاڪستان جو گادي وارو شهر هو. ان جي ڪري ڪڏني هل جو علائقو وفاقي حڪومت سان تعلق رکي ٿو. گادي اسلام آباد منتقل ٿيڻ کان پوءِ 04 فيبروري 1984 ع تي ڪڏني هل جي ايراضي حڪومت سنڌ جي حوالي ڪئي وئي، جنهن کي احمد علي پارڪ جي نالي سان هڪ پارڪ ٺاهڻ جي لاءِ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جي حوالي ڪيو ويو. جنهن تي وفاقي حڪومت، سنڌ ، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ ڪراچي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين پاران صحيحون ڪيون ويون. قبضو ڪي ايم سي جي حوالي ڪرڻ بعد ڪڏني هل پارڪ کان ٻاهر اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران هائوسنگ سوسائٽي قائم ڪرڻ جاي لاءِ 40 ايڪڙن جي دعويٰ ڪئي وئي. اوورسيز ڪوآپريٽو سوسائٽي جي اهڙي ڪيل دعويٰ جو بنياد ڪراچي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين جي 1973 ع دوران ڪيل الاٽمينٽ تحت هئي. اها الاٽمينٽ وفاقي حڪومت پاران 31 ڊسمبر 1984 ع تي جاري ڪيل هڪ خط وسيلي رد ڪئي وئي. الاٽمينٽ جي رد ٿيڻ خلاف اوورسيز ڪوآپريٽو هائونگ سوسائٽي پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني پٽيشن نمبر 1314/1990 داخل ڪئي پر راضي نامي واري معاهدي جي بنياد تحت سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران پٽيشن خارج ڪري ڇڏي. |
| 20 اپريل 2018 ع | فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي رهاڪن پاران فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جي اسڪول جي لاءِ ڪڏني هل جي پرسان 6189 چورس گز ايراضي تي غير قانوني قبضي خلاف ڪيس نمبر: 1582/1997 داخل ڪيو ويو. جنهن ۾ فريادي جي حق ۾ عدالت پاران ڊگري جاري ڪئي وئي ۽ ان جي سموري گذارش کي منظور ڪيو ويو. جيڪي هيٺ ڏنل آهي:<br>• ته پلاٽ نمبر 137 فاران ڪوآپريٽو سوسائٽي پارڪ جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، ۽ ان کي ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ استعمال نه ٿو ڪري سگهجي.<br>• فيصلو ڪيو ويو ته پارڪ جي لاءِ مخصوص ڪيل ويلفيئر پلاٽ جي تبديلي جي لاءِ سمورا ڪنيل قدم ۽ ڏنل حڪم غير قانوني آهن ۽ ان جي قانوني طور تي مجاز اداري پاران منظوري ناهي ڏني وئي.<br>• فريادي نمبر 1 فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جي حق ۾ ڏني ويندڙ ليز رد ڪجي ٿي.<br>• فريادي نمبر 1 کي پلاٽ تي اسڪول جي عمارت جي تعمير کان روڪڻ جي لاءِ اسٽي آرڊر (حڪم امتناعي) جاري ڪيو وڃي ٿو.<br>• ڪيس جو خرچ فريادي نمبر 1 ادا ڪندو. |
| 11 مئي2018 ع | ڪيس نمبر 1582/1997 ۾ جاري ڪيل ڊگري کي لاڳو ڪرڻ جي لاءِ مسمات مريم حاجي ۽ ٻين رهاڪن فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽيءَ حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ درخواست نمبر: 2018_44 داخل ڪئي.<br>• مسمات مريم حاجي پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ عمل ڪرائڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ گذارش ڪئي وئي ته 20 اپريل 2018 ع تي هاءِ ڪورٽ جي فيصلي مطابق جاري ڪيل ڊگري لاڳو ٿيڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ پٽيشن ۾ تبديل ڪئي وڃي. |

| | |
|---|---|
| | • فريادي نمبر 1 ۽ 8 کي پلاٽ نمبر 137، فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي کي ڪي ايم سي جي حوالي ڪرڻ ۾ مداخلت نہ ڪرڻ وارا حڪم جاري ڪيا وڃن ۽ ڪي ايم سي جي آفيسرن کي انهيءَ پلاٽ کي پارڪ جي حيثيت سان بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ تہ پلاٽ ڪڊني هل پارڪ کان غير قانوني طور تي ڌار ڪيو ويو آهي.<br>• پلاٽ جي آفيشل مدعا عليہ نمبر 7 سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي پلاٽ نمبر 137 فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي تي ڪيل غير قانوني تعمير کي ڊاهڻ وارا حڪم ڏنا ويا. (اڄوڪي تاريخ تائين ان حواسي سان ڪوبہ قدم ناهي کنيو ويو، حالانڪ سپريم ڪورٽ ۾ داخل آئيني پٽيشن 09/2010 ۾ جسٽس گلزار احمد حڪم جاري ڪري چڪو آهي)<br>• آفيشل مدعا عليهان کي پلاٽ نمبر 137 فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي ليز ختم ڪرڻ جي لاءِ حڪم جاري ڪيا وڃن.<br>عمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ناظر سنڌ هاءِ ڪورٽ کي ڊگري تي عمل ڪرائڻ، پلاٽ نمبر 137 فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي ليز رد ڪرڻ ۽ قبضو ڪيل جڳهہ کي ڪڊني هل پارڪ جي حصي جي حيثيت تحت ترقي ڏيڻ جي لاءِ ڪي ايم سي جي حوالي ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي وڃي. |
| 15 مئي 2018ع | فائونڊيشن پبلڪ اسڪول پاران ڪيس نمبر: 1582/1997 ۾ ڏنل فيصلي جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل نمبر 152/2018 داخل ڪئي جنهن ۾ عرض ڪيو ويو تہ 02 اپريل 2018ع ۽ 20 اپريل 2018ع تي سنگل جج پاران جاري ڪيل فيصلي ۽ ڊگري کي رد ڪيو وڃي ۽ مدعي پاران داخل ڪيل ڪيس ختم ڪيو وڃي. (ٻڌڻي اڃا تائين جاري آهي). |
| 9 مئي 2019ع | سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران آئيني پٽيشن نمبر 09/2010 ۾ جنهن جي سربراهي جسٽس گلزار احمد ڪئي، پاران هڪ حڪم جاري ڪيو تہ ڪمشنر، ڪي ايم سي ڪڊني هل پارڪ جي ايراضي جي هر الاٽمينٽ ۽ ليز جي جانچ پڙتال ڪري ۽ سموري غير قانوني الاٽيز /ليزيز کي انهن گهرن سميت سمورين اڏاوتن کان بيدخل ڪرڻ جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ۽ ڪڊني هل پارڪ جي 62 ايڪڙ ايراضي کي پارڪ جي حيثيت سان بحال ڪيو. ڪمشنر ان کي يقيني بڻائيندو تہ ان پارڪ کي جديد طرز تي تعمير ڪيو وڃي تہ جيئن ڪراچي جي ماڻهن کي تفريحي سهولتون مهيا ٿي سگهن. |
| 6 آگسٽ 2019ع | ڪي ايم سي پاران سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ آئيني پٽيشن نمبر 09/2010 ۾ پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي ۽ عدالت کي آگاهہ ڪيو تہ ڪڊني هل پارڪ جي 62 ايڪڙ ايراضي تان قبضو ختم ڪرايو ويو آهي ۽ هي هاڻي ڪي ايم سي جي قبضي ۾ آهي. ڪي ايم سي پاران ان زمين تي هڪ جديد پارڪ قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ 95 ڪروڙ رپين جي لاڳت جو هڪ منصوبو PC_I پڻ تيار ڪيو ويو آهي. تنهن هوندي منصوبو رڳو 55 ايڪڙ ايراضي تي پارڪ تعمير ڪرائڻ جو آهي. باقي 7 ايڪڙ ايراضي جو قبضو اڃان تائين ڪي ايم سي کي ناهي ملي سگهيو. ڪڊني هل تي فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جي ناجائز قبضو ۽ اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي غير قانوني چوديواري واري پٽ اڃان تائين موجود آهي. |
| 05 آڪٽوبر 2019ع | جاگرافيائي مطالعي ۽ ايراضي جو سروي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ڊاڪٽر سيف الرحمان پاران ٻوٽن جي وٽڪاري جي شروعات ڪئي. |
| 08 آڪٽوبر 2019ع | وزير اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار مرتضيٰ وهاب پڻ ڪڊني هل پارڪ جو دورو ڪيو. |
| 09 آڪٽوبر 2019ع | ميونسپل ڪمشنر، ڪي ايم سي ڊاڪٽر سيف الرحمان پڻ شهري-سي بي اي جي ميمبرن کي ڪڊني هل پارڪ جي دوري ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ کين مختصر طور تي هيٺ ڄاڻايل ڳالهين کان آگاهہ ڪيو:<br>1. مال جا سوين واڙا قائم ٿيل هئا.<br>2. قحبہ گري ۽ نشي جا اڏا قائم ٿيل هئا.<br>3. فاران ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۽ اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي رهاڪن ناجائز قبضا ڪيا هئا. |

| | |
|---|---|
| | 4. فاران ڪو آپريٽو سوسائٽي ۽ اوورسيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي رهاڪن پاران ناجائز اڏاوتون ڪيون هيون.<br>5. ويجهو موجود اسپتال ۾ پنهنجو طبي گند ڪچرو ڦٽو ڪندا هئا.<br>6. هي هنڌ ڪچرو اڇلائڻ واري جڳهه بڻجي چڪي هئي.<br><br>ڪي ايم سي پاران هيٺ ڄاڻايل قدم کنيا ويا:<br>1. ڪي ايم سي پاران پارڪ جو طبعي طور تي قبضو حاصل ڪيو ويو.<br>2. ڪي ايم سي پران پارڪ جي گيٽ تعمير ڪرائي وئي.<br>3. ڪي ايم سي پران سوين وڻن جي وڍڪاري ڪئي وئي.<br>4. ڪي ايم سي پاران گند ڪچري جي ڍيرن کي ختم ڪيو ويو.<br>5. صفائي جو ڪم اڃان تائين جاري آهي.<br>6. ڪي ايم سي پاران جڳهين جي نقشي سازي جي ڪم مڪمل ڪيو ويو.<br>7. ڪي ايم سي پاران ڪنهن به ڪيڪر يا ڪيڪٽس جي وڻن کي ناهي ڪٽيو ويو. انهن وڻن جي وڌيل حصن کي ڪٽڻ جي ضرورت آهي. |
| 10 آڪٽوبر 2019 ع | ميٽروپوليٽن ڪمشنر ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان ڪڊني هل پارڪ ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن جي روزانو جي بنيادن تحت نگراني ڪري رهيو آهي. |
| 15 آڪٽوبر 2019 ع | ميئر ڪراچي وسيم اختر پاران ڪڊني هل پارڪ جو دورو ڪيو ويو ۽ شهر ۾ هل پارڪ کان ڪڊني هل پارڪ تائين هڪ منفرد چيئر لفٽ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ۽ اهو پڻ يقين ڏياريو ته پارڪ کي جلد ئي عوام لاءِ کوليو ويندو. |
| 15 آڪٽوبر 2019 ع | • ميٽرو پوليٽن ڪمشنر ڪي ايم سي ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان پاران سماءَ ٽي وي کي ٻڌايو ته هڪ مهيني اندر پارڪ عوام جي لاءِ کوليو ويندو. "احمد علي پارڪ" ڪي ايم سي انتظاميا پاران ڪراچي جي ماڻهن جي لاءِ هڪڙو تحفو هوندو، جيڪو خوبصورت بڻائڻ بعد هڪ پرڪشش تفريحي هنڌ هوندو.<br>• پارڪ جي مختلف هنڌن تي 3000 کان وڌيڪ مختلف قسم جي ٻوٽن جي وڍڪاري ڪئي ويندي. شهري- سي بي اي پاران 02 نومبر 2019ع تي انجنيرَ انب جي وڻن جي وڍڪاري ڪئي . شهري- سي بي اي پران هڪ مخصوص علائقي ۾ وڍڪاري جي لاءِ ڪي ايم سي کي مختلف قسم جي62 ٻوٽن جو عطيو ڏنو.<br>• پارڪ ۾ هڪ جاگنگ ٽريڪ ۽ سيوريج پلانٽ پڻ تعمير ڪيو ويندو. |
| 16 آڪٽوبر 2019 ع | ميئر ڪراچي وسيم اختر چيو آهي ته "شهراندر جلدي چيئر لفٽ پڻ لڳائي ويندي" (روزاني نيشن). |
| 16 آڪٽوبر 2019 ع | ميئر ڪراچي وسيم اختر پاران ڪڊني هل پارڪ ۾ چيئر لفٽ لڳائڻ جو اعلان ڪيو. (روزاني ايڪسپريس ٽريبون) |
| 17 آڪٽوبر 2019 ع | ڪراچي جي شهرين کي ڪڊني هل پارڪ ۾ چيئر لفٽ جي سهولت ڏني ويندي. (روزاني نيوز) |
| 30 آڪٽوبر 2019 ع | ڇا ڪڊني هل پارڪ ڪراچي جو "دامن ڪوهه" بڻجي سگهندو؟ (روزاني ايڪسپريس) |

# خاتمو

هي لينڊ مافيا ۽ شهري حقن جون دعويدار، شهري- سي بي اي، ارد شير ڪائوس جي (مرحوم)، امبر علي ڀائي، رولينڊ ڊي سوزاجي وچ ۾ ڊگهي ۽ ٿڪائيندڙ جنگ آهي ۽ ان جي شاندار ڪاميابي ۾ شهري-سي بي اي جي ٽيم اڳواٽي واري قوت ثابت ٿي آهي.

بدقسمتيءَ سان ڪڊني هل پارڪ جي 62 ايڪڙن جي ايراضي مان رڳو 5.5 ايڪڙ ايراضي قبضي مافيا کان آجي ڪرائي وئي آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته 7 ايڪڙ ايراضي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکيو پيا اچن. پر پرٽين پار روشني نظر اچي رهي آهي.

# استعمال لائق ايراضين تي قبضن ۽ قبضاگيري وارن مسئلن سان ڪيئن منهن ڏيڻ گهرجي؟

مختصرمدي ۽ وقتي تدارڪ سان اهڙا مسئلا ڪڏهن بہ حل نہ ٿيندا.

فرحان انور

تازو سپريم ڪورٽ جي فيصلن تي عمل ڪندي ڪراچي جي قديم شهر ۽ ڪراچي سرڪلر ريلوي (ڪي سي آر) جي رستي سان ناجائز قبضن جي خاتمي لاءِ ڪنيل قدمن جي ڪري ڪراچي جو هي سڀ کان وڏو ۽ قديم مسئلو وڏي پئماني تي اڀري رهيو آهي. جتي سول سوسائٽي جي اندران حڪومت ۽ ٻين لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرن پاران مختلف نقطن، تجويزون ۽ خدشن جو اظهار ڪيو آهي، جڏهن تہ سماجي، قانوني ۽ سياسي، ماحوليات جهڙن حساس موضوعن تي ڌيان ناهي ڏنو ويو . هن شهر ۾ غريب دوست پاليسي سازي ڪڏهن بہ اسان جي ترجيح ناهي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن شهر ۾ شهري اڻ برابري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ان ڪري ايمپريس مارڪيٽ تي ڇا ٿيو ۽ هاڻي ڪراچي سرڪلر ريلوي (ڪي سي آر) جي ٽريڪ سان گڏ قبضن کي هٽائڻ دوران ڇا ٿي رهيو آهي، شهر جي تاريخي پس منظر ۾ اهڙي ڪا بہ نئين شيءِ ناهي ۽ نہ ئي اها آخري هوندي، اهڙي طرح سان مسئلن سان ڳنڍيل حالتن کي ٺيڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جا وقتي ۽ عارضي طور تي قدم کنيا ويا ۽ قانون کي نافذ ڪيو هجي. مثال طور: بي گهر ٿيندڙ ڪٽنبن کي متبادل جڳهہ ۽ مٿي ڍڪڻ لاءِ ڇانوَ مهيا ڪئي وڃي، اهو ڪو مسئلي جو مناسب ۽ پائيدار حل ناهي.

عدالتي حڪمن ۽ بعد ۾ ٿيندڙ ترقيي سان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ اهو بحران ڪو عام ۽ پائيدار حل ناهي، جنهن هڪ ڊگهي عرصي کان هن شهر کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مسئلي جي حقيقي حل، مقصدن، سببن ۽ اثرن کي سمجهڻ سميت ان تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، بجاءِ ان جي تہ ان جي ظاهري علامت جو علاج ڪيو وڃي. خطرو آهي تہ سمورن سببن کي سمجهڻ کان سواءِ علامتن تي مشتمل حل ڪڍيو پيو وڃي، تہ ان جي نتيجي ۾ سياسي ۽ سماجي انتشار جنم وٺندا، جيئن هن وقت ٿي رهيو آهي. هڪ مناسب ۽ دير پا حل جي ضرورت هميشهہ موجود رهي آهي، ٻي صورت ۾ ٻين مسئلن جي حساسيت ۾ اضافو ٿيندو ۽ وقت گذرڻ سان گڏ ان جو حل ڏکئي کان ڏکيو ٿيڻ لڳندو.



قبضن ۽ استعمال ۾ ايندڙ ايراضين جي خلاف ورزين وارن مسئلن کي سمجهڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسان تجويز ڪنداسين تہ ائين "ڇو" ۽ "ڪيئن" ٿيو. شهري بد انتظامي جي ان ڪوريئڙي واري ڄار کي سمجهڻ جي لاءِ ان جو پهريون قدم هن شهر جي لاءِ ڪنهن بہ ماسٽر پلان تي عمل توڙي نافذ ڪرڻ نہ آهي، جنهن جي ڪري رياست جي رٽ ۽ قانون جي حڪمراني هميشهہ ڪمزور ٿيندي رهي آهي. ڪوبہ ماسٽر پلان شهر جي عارضي ترقيات ۽ شهري ترقيات جي پاليسين ۽ قدمن جي لاءِ سرڪاري ادارن، آفيسرن کي حاصل اختيارن جي استعمال مٿان ڪنهن بہ قسم جي پابندي نہ ٿي لڳي سگهي. شهري منصوبہ بندي وارن مسئلن تي ڪڏهن بہ گروهي طور تي ڌيان ناهي ڏنو ويو. جنهن ڪري ناگزير شهري خدمتون مثال طور هائوسنگ، عوامي ماڳ ( پارڪ وغيرهہ) پاڻي ۽ سيوريج، ٽرانسپورٽيشن ۽ واپاري ٿلهاءُ وغيرهہ سڀ متاثر ٿي چڪا آهن.

جيڪڏهن اسان غير قانوني تعميرن، قبضن ۽ تعمير ٿيل عمارتن جي ڍانچن جي قسمن جي درجا بندي ڪيون، جن جي خلاف ڪارروائي ٿي رهي آهي تہ اهي رهائشي عمارتون ۽ آباديون يا واپاري عمارتون آهن. پهريون هائوسنگ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ڪراچي جي پاليسي ساز ۽ خدمتون مهيا ڪندڙن ڪڏهن بہ ڪراچي جي گهٽ آمدني وارن شهرين جي رهائشي ۽ سماجي مسئلن کي ڪاميابيءَ سان حل ڪرڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ناهي ڪئي. مسئلن جي حل لاءِ ٿيندڙ اڻ ڳڻيون ڪوششون مختلف سببن جي ڪري ناڪام ٿي چڪيون آهن، انهن ۾ حقيقي خريدار جو ڌيان حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي، بنيادي شهري خدمتون مثال طور: پاڻي، بجلي، ٽرانسپورٽ، روزگارِ تعليم جنهن سان هڪ گهر کي هائوسنگ پروجيڪٽ ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو، سيڙپڪاري مهيا ڪندڙ نظام جي گهٽتائي شامل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ايراضي جي خريداري ۾ حقيقي خريدار جي بدران زمين جي قيمت ۾ هٿرادو اضافو ڪندڙ ريئل اسٽيٽ مافيا سيڙپڪاري ڪندي رهي آهي. ڪميونٽي جي بنياد تي اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ (اوپي پي) جي ڪامياب ڪوششن تي مشتمل ماڊل ڪڏهن بہ اسان جي اوليت ناهي رهيو، بدقسمتيءَ سان اهڙن ماڊلز جي پاليسي فريم ورڪ ۾ آڻڻ ۽ انهن کي هٿي وٺرائڻ ۾ حڪومت ناڪام رهي آهي، سنڌ جي ڪچي آبادي اٿارٽي، جنهن ڪچين آبادين کي باقائدگيءَ سان بڻايو پر اتي شروعاتي ڏينهن ۾ بهتر ۽ پائيدار ترقي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. جنهن لاءِ ڪا بہ حيرت جهڙي ڳالهہ ناهي تہ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪراچي واسي ٻي ترتيب آبادين ۾ زندگي گذاري رهيا آهن جنهن سان ڪراچي شهر ۾ ٻيڻ تي اضافو ٿي رهيو آهي. ٻين لاڳتن سان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪراچي جي تازو 80,000 گهرن جي سالياني گهرج جي مقابلي ۾ رڳو

30،000 ساليانو رهائشي يونٽ ٺي باقائدگيءَ سان آبادين اندر تعمير ٿي رهيا آهن. اهڙي فرق سان 32،000 هزار رهائشي يونٽ ساليانو ڪچي آبادين اندر قائم ڪيا ويا (حسن 2013) ناجائز قبضن جي خلاف مهم ۾ اهڙيون ڪچين آبادين کي بہ ڊاهيو ويو. ان ڪري اهڙو قانوني حڪم ڪيترو بہ سگهارو ۽ اعليٰ قانون سان مطابقت رکندڙ هجي پر زميني حقيقتون واضع ڪن ٿيون تہ هڪ مناسب سماجي ۽ گهٽ آمدني واري هائوسنگ نظريي ۽ منصوبہ بندي ڪانسواءِ قبضن کي ختم ڪرڻ وارا ڪينل قدم ڪامياب ثابت نہ ٿيندا.

جيڪڏهن اسان رهائشي علائقن جي زميني حصن جي ڪمرشلائيزيشن واري طريقي تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي پائيدار منصوبہ بندي وارا اصول مثال طور: ضلعي ۽ لنڪ پيڪ وارن علائقن ۾ موجود واپاري مرڪز توڙي مارڪيٽن جي لاءِ مخصوص ڪيل جڳهين تي ان بابت عملدرآمد ٿيندو نظر نہ ٿو اچي ۽ نہ ئي ان کي نافذ ڪرڻ پري پري تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اصولن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ بدران اسان کي ڪراچي جي هنڌ هنڌ تي زميني طور طريقا غير قانوني ۽ بي قائده ڪمرشلائيزيشن جي طريقي ڪار تحت نظر اچن ٿا ۽ ان جو بنيادي سبب شهري ضلعي حڪومت ڪراچي (سي ڊي جي ڪي) پاران شهر اندر مختلف روڊن (ڪل 17 روڊ آهن). جي 12 فيبروري 2004ع تي جاري ڪيل شهري ضلعي حڪومت ڪراچي (سي ڊي جي ڪي) استعمال ايراضي جي تبديلي ۽ ماسٽر پلاننگ هيٺين قانون 2003 تي واپاري بڻائڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ پاليسي فيصلي سازي جو فقدان نظر اچي ٿو. شهري منصوبہ بندي جا ماهر اهڙي قسم جي ڪمرشلائيزيشن جي سخت خلاف آهن. ڇاڪاڻ تہ ان جي مرڪزي ٽريفڪ لاڳاپيل علائقن جي تجارتي روڊن ۾ داخل ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري سماجي حالتون ۽ ماحوليات تي سخت ۽ خطرناڪ اثر پئجي رهيا آهن. جڏهن هڪ دفعو رستو کلي ٿو تہ بلڊر مافيا ريگيوليٽنگ اداري، سرمائيدار ۽ چونڊيل نمائندن وغيره جي چوڪڙي وسيلي استعمال لائق ايراضي جي تبديلي وارن غير قانوني مسئلن ۾ اضافو ٿئي ٿو. لينڊ ڊولپمينٽ ۽ ريگيوليشن وارن ادارن ۾ سياسي اثر ۽ رسوخ وڌي رهيو آهي ۽ وڏي پيماني تي بدعنواني، رشوت ۽ ڪرپشن جي بازار گرم ٿي ويندي آهي.

ان ڪري استعمال لائق ايراضي جون خلاف ورزيون ۽ غير قانوني قبضن جي غير قانوني حرڪتن کي روڪڻ جي بدران قانون ۾ انهن ڏوهن کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ ترميمون ڪيون وڃن ٿيون ۽ انهيءَ کي باقائدگيءَ سان ترتيب ڏنو ويو آهي.

جيڪڏهن اسان سرڪاري جڳهين مثال طور پارڪ ۽ راندين جي ميدانن وغيره جي ڳالهہ ڪنداسين تہ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان انهن کي سخت خطرا درپيش آهن. انهن مان ڪيترن تي يا تہ قبضا ڪيا ويا آهن يا وري سياسي اثر ۽ رسوخ استعمال ڪندي انهن جي استعما واري ايراضي ۾ تبديلي جي اجازت حاصل ڪئي وئي آهي. عوامي رسائي وارين اهڙين ڪيترين ئي جڳهين تي مختلف قسم جا ٻاهريان خطرا موجود آهن. سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ هڪ شهري پاران شهري سهولتن مثال طور: پاڻي، سيوريج ۽ نيڪال بابت داخل ڪيل پٽيشن جي نتيجي ۾ 2016ع ۾ هڪ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وئي جيڪا ان سلسلي ۾ جانچ ڪندي. جڏهن تہ هڪ ٻئي شهري جي درخواست جي نتيجي ۾ 29 نومبر 2017ع تي سپريم ڪورٽ پاران ڪي ڊي اي کي شهر ۾ تقريبن 35000 فلاحي پلاٽن تي ٻن مهينن اندر قائم ٿيل قبضن کي هٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو. عدالت جي مشاهدي ۾ اها ڳالهہ سامهون آئي تہ قبضي هيٺ آيل ڪيترن ئي فلاحي پلاٽن ۾ باقائده عمارتن جي تعمير سميت تعليمي ادارا ۽ شادي هال وغيره تعمير ڪيا ويا آهن. جنهن سان اها ڳالهہ واضع ٿئي ٿي تہ حڪومت ان سلسلي ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ استعمال لائق زمين جي ريگيوليشن ۾ قبضا مافيا، بلڊرز ۽ سياسي ماڻهن پاران لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري ڀرپور طريقي سان سرڪاري زمينن تي قبضا ڪيا ويا آهن. ڪراچي جي زمين جي اهڙي قسم جي ناجائز خريد ۽ وڪري ۾ اڪثر طور تي ڪاري ناڻي تحت سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي.

اهڙي مسئلي جو دائرو تمام پري پري تائين پکيڙيل آهي ۽ ان سلسلي ۾ هڪ مقامي غير سرڪاري تنظيم شهري. سي بي اي پاران 2011ع ۾ ڪرايل هڪ تحقيق بعنوان "ڪراچي جون فلاحي جڳهيون ۽ پارڪ" ۾ ان تي روشني وڌي وئي. تحقيقاتي ٽيم پاران ڪراچي جي انهن سمورن فلاحي پلاٽن جو ذاتي طور تي سروي ڪيو ويو ۽ موجوده ايراضي جي حيثيت ۽ منصوبي متعلق ان جي صحيح ۽ حقيقي استعمال ٿيل ايراضي واري رپورٽ کي دستاويزي شڪل ۾ شايع ڪيو ويو آهي. تحقيق وسيلي اهو ثابت ٿيو آهي تہ ڪراچي اندر 7911 فلاحي پلاٽن مان 1955 فلاحي پلاٽن تي ٽوٽل يا جزوي ايراضي تي قبضا ٿيل آهن ۽ انهن تي ناجائز اڏاوتون ڪيون ويون آهن. جنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ تقريبن 24 سيڪڙو فلاحي پلاٽن تي اڳ ئي قبضا ڪيا ويا آهن. انهن ناجائز ٿيل قبضن وارن هنڌن تي مسجد، اپارٽمينٽس، گهر ۽ ڪچيون آباديون قائم ڪيل آهن. اهو سڀ ڪجهہ ٿي ويو، حالانڪ فلاحي پلاٽن سان لاڳاپيل قانون ۾ واضع طور تي چيو ويو آهي تہ "ريگيوليشن 18-1-4 ڪوبہ فلاحي پلاٽ جيڪو ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ مخصوص ڪيل هجي، ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ استعمال يا تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي." ڪراچي بلڊنگ اينڊ ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2002- شهري سبز علائقن ۾ شهري تعميراتي علائقن جي 6.4 سيڪڙو (27 چورس ڪلوميٽر) کان 7.3 سيڪڙو (30 چورس ڪلوميٽر) جي حساب سان ڪاٽو لڳايو ويو آهي.

ڪراچي گهڻ ثقافتن ۽ طبقن تي مشتمل شهر آهي ۽ ان تي مختلف قسم جي ادارہ جاتي، سياسي، مذهب ۽ سماجي اقتصادي تهہ چڙهيل آهي. جڏهن اسان زمين جي منتقلي ۽ خدمتن جي طريقن کي تباهہ ڪيون ٿا تہ اسان کي جاڻ ٿئي ٿي تہ رياست جي رٽ گهٽ ٿيڻ سان گڏوگڏ اهي سموريون شيون بي قائدگيءَ جي شڪل ۾ شعبن ڏانهن منقل ٿينديون آهن، جيڪو دستور جي خلاف ۽ بي قائدگيءَ تحت ٿيندو آهي. هن شهر ۾ زمين سان لاڳاپيل هڪ متوازن معيشت قائم آهي، جيڪي اربين رپين تي مشتمل آهي ۽ اها متوازي معيشت غير دستاويزي آهي. ان ڪري اسان جي فيصلي سازن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي قانون جي حڪمراني جي لاءِ وسيع نظريي ۽ اجتماعي منصوبہ بندي جي لاءِ سياسي اتفاق راءِ کي يقيني بڻائين. وسيع نقطي نظر جي غير موجودگيءَ ۾ اسان کي عوامي مفادن وارين جڳهين تي ناجائز قبضن ۽ استعمال لائق ايراضي بابت سيني کان وڌيڪ خلاف ورزيون نظر اينديون.

# شهري ٽرانسپورٽ ۾ حڪمت عملي وارا مسئلا

## سنڌ جي چونڊ شهرن ۾ حقيقتون، پاليسيون ۽ لاڳو ٿيندڙ مسئلا

هڪ بهترين منصوبہ بندي ۽ اثرائتي اچ وڃ جو نظام (MASS TRANSPORT SYSTEM) ڪنهن بہ وڏي شهر جي هڪ بنيادي ضرورت هوندو آهي ۽ ان جي ترقياتي عمل واري شروعاتي دور ۾ ان جي پائيدار هجڻ وارن مقصدن مان هڪ اهم مقصد جي حيثيت تحت تسليم ڪيو وڃي ٿو. پوئتي پيل ملڪن ۾ جتي وسيلا محدود هجن ۽ انهن جي ورهاست اڻ برابري واري هجي، اتي شين ۽ خدمتن جي رسد ۽ ماڻهن جو اچ وڃ روڊن، ريل، سمنڊ ۽ فضائي رستن وسيلي ٿيندو آهي. ان لاءِ معاشري جي سماجي معاشي ترقياتي عمل ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ٽرانسپورٽيشن جي حوالي سان هڪ اعزازي ۽ مددگار ڪردارسامهون ايندو آهي، جڏهن تہ پاڪستان پڻ انهيءَ کان آجو ناهي.

پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ ٽرانسپورٽ واري شعبي کي ڪرنگهي واري حيثيت حاصل آهي. سموري ملڪ اندر شهر جي اندر ۽ شهرن کان ٻاهر مسافرن جي اچ وڃ، شين ۽ خدمتن جي رسد جي لاءِ رڳو روڊ ٽرانسپورٽ ئي اڪيلو وسيلو آهي. وقت سان گڏوگڏ ملڪ جي ڪنهن بہ حصي ۾ سرڪاري ملڪيت ۾ هجڻ واري ٽرانسپورٽ واريون خدمتون گهٽي حد تائين گهٽجي ويون آهن، جڏهن تہ ان جي متبادل طورتي نجي ملڪيت ۾ شمار ٿيندڙ ٽرانسپورٽ واري شعبي ان تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي، پوءِ اهو شهر جي اندر ٽرانسپورٽ جون خدمتون مهيا ڪندڙ ذريعا هجن يا مختلف شهرن جي وچ ۾ ٽرانسپورٽ جون خدمتون مهيا ڪرڻ وارا ذريعا هجن. اڄ ڪلهہ شهرن ۾ ٽرانسپورٽ وارن ذريعن ۾ بسون، ڪوسٽر، مني بسون، ويگنون ۽ ٽيڪسي وغيرهہ جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتائي اچي رهي آهي جڏهن تہ رڪشا، موٽر سائيڪل رڪشا (چنگچي) ۽ ڪجهہ وڏن شهرن ۾ آن لائن ٽرانسپورٽ جون خدمتون مثال طور اوبر ۽ ڪريم وارين گاڏين جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ٽرانسپورٽ جي انهن ذريعن نہ رڳو سرڪاري ملڪيت تحت هلندڙ ٽرانسپورٽ جي جاءِ مڪمل طورتي ولاري ڇڏي آهي،پر نجي ٽرانسپورٽيشن پنهنجي گراهڪن جي معاشي ۽ سماجي لاڳت ۾ پڻ تمام گهڻو اضافوڪيو آهي، پوءِ اهو وقت جي شڪل ۾ هجي يا ٽرانسپورٽ جي لاڳت ۾ اضافي جي صورت ۾ يا وري سماجي طورتي ٽرانسپورٽ جي پيٽڙ پيٽڙان ۽ آلودگي ۽ ٽرانسپورٽ ۽ ٽريفڪ جي قائدن ۽ ضابطن جي خلاف ورزين ۾ اضافي جي شڪل ۾ هجي. شهري –سي بي اي پاران سنڌ جي ڇهن شهرن، ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، نوابشاهہ، لاڙڪاڻو ۽ سکر ۾ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل مختلف مسئلن جو جائزو وٺڻ، تجزيو ڪرڻ ۽ انهن مسئلن جي پائيدار حل جي لاءِ هڪ تحقيقي مطالعي جو بندوبست ڪيو ويو.

تحقيقي مطالعي جو تارگيٽ صوبي سنڌ اندر ٽرانسپورٽ جي تباهہ ٿيندڙ صورتحال ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين مسئلن بابت هيو. تاريخي طورتي سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ اچ وڃ واري نظام کي برصغير پاڪستان ۽ هندستان جي ورهاڱي واري وقت تائين جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. ورهاڱي جي وقت جڏهن روڊن جو وڇايل ڄار ناڪافي هو، ان وقت مسافرن ۽ سامان جي اچ وڃ جي لاءِ وسيع ريلوي وارو نظام موجود هو. صوبائي سطح تي سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن (ايس آر ٽي سي) وٽ شهرن اندر توڙي مختلف شهرن ڏانهن وچ، وچ واريون خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ بسن جو هڪ وڏو ۽ وسيع نيٽ ورڪ موجود هو. ڪراچي ۾ پڻ هڪ اثرائتي ۽ بهترين پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم موجود هو، جنهن کي ايس آر ٽي هلائيندي هئي، ان سان گڏوگڏ ٽرام نيٽ ورڪ ۽ مقامي سرڪلر ريلوي نظام پڻ موجود هيو، جنهن کي ڪراچي سرڪلر ريلوي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. 1960 ع واري ڏهاڪي دوران سياسي مفادن تي مشتمل فيصلن جي نتيجي ۾ ايس آر ٽي سي کي ختم ڪيو ويو، ٽرام نيٽ ورڪ کي بہ بند ڪيو ويو ۽ ڄاڻي واڻي ڪراچي سرڪلر ۽ ريلوي جي نظام کي بہ نظر انداز ڪيو ويو، جنهن جي ڪري مسافرن جي اچ وڃ توڙي سامان جي رسد ريلوي ۽ ٽرامن کان هٽي ڪري روڊن ڏانهن منتقل ٿي. 1970 جي ڏهاڪي ۽ 1980 جي شروعاتي حصي ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن (ڪي ٽي سي) وسيلي پبلڪ ٽرانسپورٽ جون سهولتون مهيا ڪيون وينديون رهيون، پران کي بہ آهستي آهستي ختم ڪيو ويو. ان کان پوءِ نجي ٽرانسپورٽ مافيا پاران مڪمل طورتي ٽرانسپورٽ سسٽم تي قبضو ڪيو ويو ۽ ماڻهن جي لاءِ بسن، ڪوچن، مني بسن، ٽيڪسي، رڪشائنن، سوزوڪين ۽ چنگچي وغيرهہ وارا ذريعا متعارف ٿيا. اهڙي صورتحال اڄان تائين موجود آهي. ڪراچي اندر روڊ انفراسٽڪچر ۾ بهتري ڏني وئي ۽ مٿاهين هنڌن وارن رستن (فلاءِ اوور)، زير زمين وارن رستن ۽ سگنل فري روڊن جي تعمير ڪئي وئي، تنهن هوندي بہ ڪارن، موٽر سائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي وڌندڙ تعداد ميٽروپوليٽن شهر جي منظر نامي کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جيئن تہ هتي فيصلو ڪندڙن پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم کي لاڳو ڪرڻ ۽ پرائيويٽ ٽرانسپورٽرن جي لاءِ باقائدهہ قانون جي تشريح ناهي ڪئي وئي ۽ نہ ئي ٽرانسپورٽ جي ڪراين جو تعين ڪرڻ جي لاءِ ڪي بہ قائدا ترتيب نہ ڏنا ويا. ۽ نہ ئي اهڙي ڪا منصوبہ بندي ڪئي وئي تہ ڪهڙي قسم جي ٽرانسپورٽ روڊن تي آڻڻ گهرجي، ان حوالي سان ڪنهن بہ قسم جي حڪمت عملي نہ جوڙي وئي.

سنڌ جي ٻين شهرن (خاص ڪري چونڊ ڪيل شهرن حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، نوابشاهہ ۽ سکر) ۾ ٽرانسورٽ جي صورتحال ان کان بہ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ خراب آهي . ڇاڪاڻ تہ اتي نہ پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم آهي ۽ نہ ئي پرائيويٽ ٽرانسپورٽ سسٽم جو ڪو وجود آهي ۽ مختلف شهرن وچ ۾ اچ وڃ جون سهولتون مهيا ڪرڻ وارو سسٽم موجود ئي ناهي، ايسيتائين جو روڊن جي تباهہ ڪاري، وڌندڙ آبادي سان گڏو گڏ ننڍين ڪارن ۽ موٽر سائيڪلن جي نجي ملڪيت تي مشتمل اچ وڃ وارن وسيلن جي ڪري ٽريفڪ جام ۽ ٽرانسپورٽ وارن وسيلن ۾ گنجائش کان وڌيڪ مسافرن جي موجودگي جي ڪري شهرين جي صحت، خوشحالي ۽ روزانو واري زندگي وارن معاملن سميت ڪاروبار تي خراب اثر پئجي رهيا آهن.

بي ترتيب ۽ وڌندڙ ٽرانسپورٽ جي ڪري روڊن تي هڪڙو ٻيو سنگين مسئلو "حادثن" ۾ اضافو پڻ ٿيو آهي. ادارو شماريات پاڪستان جي مطابق گذريل ڏهن سالن جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته روڊن تي ٿيندڙ حادثن جي نتيجي ۾ موت جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن جو تعداد دهشتگردي وارن واقعن ۾ مرندڙ ماڻهن جي تعداد کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي. ادري شماريات جي مطابق سموري ملڪ ۾ روڊن تي ٿيندڙ حادثن جي نتيجي ۾ روزانو تقريبن 15 شهري پنهنجون زندگيون وڃائي رهيا آهن. حادثن ۾ فوت ٿيندڙ ماڻهن جي تعداد جي تناسب جي حساب سان سنڌ صوبو سڀني کان وڌيڪ خطرناڪ صوبي طور اڀري سامهون آيو آهي، ان کان پوءِ ترتيب وار بلوچستان، خيبرپختونخواه جو نمبر اچي ٿو. گذريل ڏهن سالن اندر صوبي سنڌ ۾ 13، 965 ٽريفڪ حادثن ۾ ڪل 9،639 ماڻهو فوت ٿيا آهن.

## رجسٽرڊٽيل گاڏين جو وچوڙ

| شهر جو نالو | تجارتي گاڏيون | نجي گاڏيون | موٽر سائيڪل | ٽريڪٽر | ٽوٽل تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| حيدرآباد | 49222 | 16345 | 698230 | 20280 | 784077 |
| ڪراچي | 549739 | 1361663 | 2676125 | 6822 | 4594349 |
| لاڙڪاڻو | 9266 | 7523 | 121323 | 18758 | 156870 |
| ميرپورخاص | 900 | 621 | 86974 | 12276 | 100771 |
| نواب شاهه | 2899 | 3021 | 186750 | 22332 | 215002 |
| سکر | 24769 | 13483 | 370792 | 6090 | 415134 |

ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتو، حڪومت سنڌ

* رجسٽرڊ گاڏين جو اهو تعداد ڊسمبر 2017 تائين جو آهي.

تحقيقي مطالعي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ اچ وڃ وارن وڌندڙ مسئلن جي حل جي لاءِ خاص طور تي تجويزون پيش ڪيون ويون. پهرئين اها تجويز پيش ڪئي وئي ته هر شهر ۾ مناسب ۽ پائيدار يونيفارم ٽرانسپورٽ سسٽم متعارف ڪرايو وڃي، جيڪو ماڻهن جي ضرورتن تحت هئڻ گهرجي ۽ مناسب لاڳت تحت هرهڪ شهري جي لاءِ سولائيءِ سان موجود هئڻ گهرجي.. ٻيو اهو ته ٽريفڪ جام ۽ گاڏين جي هجوم کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ٽريفڪ مئنيجمينٽ کي عملي قوت هئڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ شهري انتظاميا ۽ ٽريفڪ پوليس کاتي جو اثرائتو ڪردار هجڻ تمام ضروري آهي ته جيئن ٽريفڪ جي قانونن تي بنا ڪنهن هٻڪ ۽ سختيءَ سان عمل ڪرائي سگهجي ۽ ان سان گڏو گڏ تعميراتي قانونن توڙي نجي ملڪيت رکندڙ گاڏين جي لاءِ پارڪنگ وارن هنڌن سان لاڳاپيل قائدن ۽ ضابطن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي. انهن تجويزن جي لڳاتار لاڳو ڪرڻ سان اميد آهي ته ٽريفڪ وارن معاملن ۾ ڊگهي مدي وارا پائيدار سنا اثرا پئجي سگهندا. اچ وڃ جي لاءِ مناسب لاڳت ۽ سولائي سان موجود معياري پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم کي مظبوط بڻائڻ جي نتيجي ۾ ماڻهون نجي ڪارن، موٽر سائيڪلن، رڪشائن ۽ ٻين ننڍين ننڍين ٽرانسپورٽ وارن ذريعن وسيلي سفر ڪرڻ واري سوچ ۾ گهٽتائي ايندي. هتي مختلف طبقاتي سطح تي هڪ پائيدار ۽ شعوري ڪوششون وٺڻ لاءِ فوري طور تي ضرورت آهي، جتي عام شهري، انتظاميا، ٽريفڪ پوليس، قانون ٺاهيندڙ ادارا، ڪاروباري ماڻهو ۽ سول سوسائٽي پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ شهرن اندر معيارِ زندگي کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ سفر ۽ ٽريفڪ جي ماحول جي بهتري سميت ٽريفڪ جي پيڙ کي گهٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ گهرجي


Karachi


Karachi


Hyderabad


Hyderabad


Sukkur


Mirpurkhas


Nawabshah


Larkana



## تعزيت جو جو اظهار

شهري_ سي بي اي جي انتظاميا ۽ ميمبر مرحوم شيخ رضوان عبدالله جي وفات تي، سندس خاندان سان گڏ پنهنجي دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيون ٿا. مرحوم شيخ رضوان عبدالله 2002ع کان 2006ع تائين شهري سي بي اي جي خزانچي رهيو ۽ مرحوم شهري جي ڪاروهنوار ۾ نهايت ئي سرگرميءَ تحت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ ان جي سوگوار پونئيرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين

**شهري - بهتر ماحول لاءِ شهري**

# گڏيل حڪمراني وسيلي ڪميونٽي پوليسنگ

25 سال اڳ ڪيترائي ترقي پسند پوليس ڊپارٽمينٽس پاران پوليسنگ جي جديد نقطي نظر تائين پهچڻ جي لاءِ تجربا شروع ڪيا، جن جو مقصد پوليس آفيسرن ۽ ڪميونٽين جي وچ ۾ ڪمن جي حوالي سان تعلقاتن ۾ بهتري پيدا ڪرڻ آهي. پوليسنگ جو اهو نظريو ڪميونٽي پوليسنگ چورائي ٿو، جنهن جو مقصد پوليس ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ پائيچاري ڪي هٿي وٺرائڻ، ڪميونٽي وارن مسئلن تي ڌيان ڏيڻ ۽ انهن علائقن ۾ پوليس آفيسرن جي ڪوشش ڪي پوليس ڪاتي پاران حمايت حاصل ڪرڻ ڪي يقيني بنائڻ جي لاءِ رستا ڳولهڻ آهي.

اڄڪلهه سموري ملڪ اندر ڪم ڪندڙ پوليس جي شعبي ۾ ڪيونٽي پوليسنگ ڪي وسيع پيماني تي قبول ڪيو پيو وڃي ۽ ڪميونٽي ميمبرن ۽ مقامي سياستدانن جي هڪ وڏي انگ جي خواهش آهي ته پوليس ڪاتي وٽ هڪ ڪميونٽي پوليسنگ ايجنسي هئڻ گهرجي. پوليس جي شعبي ۾ ڪميونٽي پوليسنگ واري فلسفي ڪي لاڳو ڪرڻ وسيلي انهن ڪيمونٽي ۽ پوليس جي وچ ۾ هڪ بهتر تعلقات جي اهميت ڪي نه رڳو سمجهيو آهي پر ان ڪي هٿي پڻ وٺرائي آهي. ڪيمونٽي ۾ رڳو هڪ شهر اندر رهندڙ ماڻهن يا ان ۾ ڪم ڪندڙ فرد ئي ناهن هوندا پر ان ۾ فلاحي ۽ ڪميونٽي جي بنياد تي قائم غير منافع بخش تنظيون، مقامي ڪاروبار ۽ اهم حڪومتي ادارا پڻ شامل هوندا آهن. جيئن ئي پوليس جا شعبا مظبوط ٿيندا ۽ اهي پنهنجي ڪميونٽي پوليسنگ جي ڪوشش ۾ بهتري آڻيندا آهن ته انهن جي پنهنجي مقامي حڪومتن جي ٻين شعبن جا آفيسر به انهن جي ڪميونٽي جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشش ۾ سهڪار جا خواهشمند هوندا آهن. هلندڙ وقت ۾ ڪيترن ئي شهرن جي ايڊمنسٽريٽرز مقامي حڪومتن جي معاملن ۾ ڪميونٽي جي پائيچاري واري واڌ ويجهه لاءِ رستا ڳولهيندا آهن. اهي منتظمين هڪ وڌيڪ شفاف حڪومتي ڍانچو تخليق ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪري رهيا آهن، جنهن جو بنياد عوام جي خدمت آهي. مقامي حڪمراني جي ان نئين فلسفي واري فڪر ڪي اسان ”ڪميونٽي حڪمراني“ جي حيثيت سان سڃاڻون ٿا. ڪيمونٽي حڪمراني پنهنجي سڀ کان وڌيڪ بنيادي مرحلي ۾ شهري سطح تي ڪميونٽي پوليسنگ واري فلسفي ۽ عناصرن ڪي لاڳو ڪندي آهي. هي شهري ادارن ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ ”پائيچاري واري فضا تي روز ڏئي ٿي، ۽ گڏو گڏ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ باضابطا طور تي ڪوششون ڪرڻ ۽ ان نئين نظام ڪي پائيدار بڻائڻ جي لاءِ تنظيمي تبديلين تي پڻ زور ڏئي ٿي.

شهري – سي بي اي پاران فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي سهڪار سان ” ذميوار حڪمراني جي لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ“ جي موضوع تحت ٽي ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا. انهن ورڪشاپن جي نگراني ۽ انتظام صوبي سنڌ جي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرل نياز احمد صديقي پاران ادا ڪيا ويا. انهن ورڪشاپن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

1. 06 فيبروري 2019ع تي. هنڌ ميريٽ هوٽل، ڪراچي، ايسٽ زون پوليس ڪراچي سان گڏ.
2. 15 اپريل 2019ع تي. هنڌ موو ان پڪ هوٽل،ڪراچي، ويسٽ زون پوليس ڪراچي سان گڏ.
3. 30 اپريل 2019ع تي. هنڌ انڊس هوٽل، حيدرآباد رينج پوليس سان گڏ.
4. 10 آڪٽوبر 2019ع تي. هنڌ ميريٽ هوٽل، ڪراچي، سائوٿ پوليس زون پوليس ڪراچي سان گڏ.
5. 22 آڪٽوبر 2019ع تي. هنڌ ميريٽ هوٽل، ڪراچي، ٽريفڪ پوليس ڪراچي سان گڏ.
6. 31 آڪٽوبر 2019ع تي. هنڌ ميريٽ هوٽل، ڪراچي، وومن پوليس ڪراچي سان گڏ.
7. 14 نومبر 2019ع تي. هنڌ انڊس هوٽل، حيدرآباد، حيدرآباد رينج پوليس ڪراچي سان گڏ.

ڪراچي جي سينيئر پوليس آفيسرن سميت موجوده آءِ جي پوليس سنڌ ڊاڪٽر ڪليم امام، ڊي آءِ جي پوليس ايسٽ زون جناب امير فاروقي، ڊي آءِ جي پوليس ويسٽ زون جناب امين يوسف زئي، ڊي آءِ جي پوليس ٽريفڪ ڪراچي جناب جاويد علي مهر، اس ايس پي ايسٽ، ايس ايس اي پي ملير، ايس ايس پي ڪورنگي، ايس ايس پي سائوٿ، ايس ايس پي سٽي، ايس ايس پي ويسٽ ڪراچي، ريٽائرڊ آءِ جي صاحبان، انساني حقن جي ڪميشن سنڌ جي سربراهه، هٿياربند فوج جي ريٽائرڊ آفيسرن، سي پي ايل سي جي سربراهه ڪميونٽي مبمبرن، اقليتي نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي مانوارن ميمبرن شرڪت ڪئي.

شهري_ سي بي اي جي سيڪريٽري جنرل امبر علي پائيءَ آجياڻي تقرير ۾ ذميوار حڪمراني جي لاءِ پوليس ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ ويجهڙائي وارا تعلقات برقرار رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن جي خيال ۾ ڪميونٽي پوليسنگ پوليس جو اميج بهتر بڻائڻ جي لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو. جڏهن ته ٽيڪنيڪي سکيا وسيلي پيشه ورانه مهارت ۾ اضافي سميت شهرين ۾ قانون ۽ بنيادي حقن جي معلومات ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي.

هن چيو ته شهري 2003ع کان تاحال پوليس سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آهي ۽ سموري پاڪستان اندر ورڪشاپ منعقد ڪيا پيا وڃن ۽ ان دوران شهري پاران تقريبن 2000 پوليس اهلڪارن کي تربيت پڻ ڏني وئي آهي. هن تجويز پيش ڪندي چيو ته هر پوليس اسٽيشن ۾ ان جي پنهنجي ويب سائيٽ هئڻ گهرجي ته جيئن انهيءَ پوليس اسٽيشن واري علائقي جا ماڻهو پنهنجي علائقي ۾ مقرر پوليس اهلڪارن ۽ انهن جي فرضن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن، ان جي ڪري سمورن مسئلن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪميونٽي ۽ پوليس جي وچ ۾ ويجهڙائي واري پائيچاري جي فضا برقرار رکڻ ۾ مدد حاصل ٿيندي. هن اها به تجويز پيش ڪئي ته مقامي پوليس جي ڪارڪردي سان لاڳاپيل معلومات بابت بروقت انڪشاف پوليس اسٽيشن جي ويب سائيٽ

وسيلي هجڻ گهرجي. اها تجويز خاص طور تي پوليس کي آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 19_ اي ۾ هر شهري کي حق معلومات جي ضمانت ڏني وئي آهي. هن ان ڳالهه جي به نشاندهي ڪئي ته سنڌ شفافيت ۽ حق معلومات ايڪٽ 2016ع جي سيڪشن 6 جي تحت سمورن حڪومتي ڪاتن مٿان لازمي بڻجي ٿو ته اهي انهيءَ جي شرطن تي عمل ڪرائين. ورڪشاپ ۾ بحث هيٺ آيل مرڪزي نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌ جي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جناب نياز احمد صديقي پاران ڪميونٽي پوليسنگ، اخلاقي پوليس رويي ۽ طاقت جي استعمال ۽ پوليس جي هٿيارن جي استعمال تي بين الاقوامي معيارن ۽ بهترين طرز عمل واري موضوع تي تفصيلي روشني وڌي وئي. هن چيو ته پوليس جا اهي شعبا جيڪي ڪميونٽي پوليسنگ جي نظريي کي استعمال ڪندا آهن. اهي ڪميونٽي سان گڏجي ڪم ڪن ٿا ۽ روايتي پيشي ور پوليسنگ ماڊل کي ترڪ ڪندي قابل اعتماد ڪميونٽي مرڪزيت ۽ مسائلن کي حل ڪندڙ ماڊلز جي حيثيت اختيار ڪندا آهن. هن چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪميونٽي جي مدد وسيلي مسئلا حل ڪرڻ تي زور ڏيندي آهي، جنهن سان جديد پوليس ۾ تبديل ٿيندڙ راهه هموار ٿئي ٿي. هن وضاحت ڪئي ته ڪميونٽي پوليسنگ واري نظريي جا ٽي جز آهن. ڪميونٽي جي شرڪت، مسئلن جو حل ۽ تنظيمي/ ادارن جي تبديلي. هن پوليس ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ ڀائيچاري تي زور ڏنو ڇاڪاڻ ته پوليس ڏوهن جي روڪٿ ۽ ڏوهن تي قابو پائڻ جي لاءِ عام عوام کي پنهنجو مددگار تصور ڪري ٿي.

شهري_ سي بي اي جي مجلس منتظمين جي ميمبر خطيب احمد چيو ته اهڙن ورڪشاپن جو تارگيٽ بهتر حڪمراني جي لاءِ پوليس ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ پل تعمير ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ جو ماڊل بهتر خدمتون مهيا ڪرڻ جي لاءِ هڪ توازن قائم ڪرڻ آهي، جنهن سان ڏوهن کي روڪٿ ۽ بد امني جي تدارڪ جي لاءِ بهتر قدم کڻجن ٿا. هن چيو ته پوليس آفيسرن جو اهو بنيادي فرض آهي ته اهي شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪن ۽ انهن جي اها پڻ بنيادي ذميواري آهي ته اهي ڏوهن جو خاتمو آڻين. هن چيو ته پوليس آفيسر عام ماڻهو کي قانون جي حفاظت مهيا ڪري.

ورڪشاپ جي دوران شهري_ سي بي اي جي مجلس منتظمين جي ميمبر امره جاويد پاران اهڙن ڪيترن ئي مثالن جي نشاندهي ڪئي جتي ڪميونٽي پوليسنگ ماڻهن جي ضرورتون ۽ سولايون پيدا ڪرڻ جي لاءِ فوري مدد مهيا ڪري سگهندي هئي. هن وڌندڙ عوامي شعور جي باري ۾ پڻ آگاهه ڪندي ٻڌايو ته پوليس پاران قانون لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪامي جي ڪري ئي عوامي هنڌن تي ٿيندڙ گوڙ ۾ واڌ ٿي آهي. هن سنڌ سائونڊ سسٽم ريگيوليشن ايڪٽ 2015ع جي خلاف ورزي جو مثال ڏيندي چيو ته مسجد ۾ لائوڊ اسپيڪر جو غلط استعمال ٿئي ٿو. هن جي خيال ۾ ان مسئلي کي ڪميونٽي پوليسنگ وسيلي ئي حل ڪري سگهجي ٿو.

مينيجمينٽ اينڊ ٽريننگ ڪنسلٽنٽ ۽ انساني حقن جي ماهر فوزيه طارق چيو ته هنگامي حالتن، آپريشنز ۽ جانچ جي دوران هميشه انساني عزت نفس جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. هن آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 14 جو حوالو ڏيندي چيو ته هر هڪ فرد کي عزت نفس ۽ حق رازداري جي ضمانت حاصل آهيءَ ڪيس قابل عزت ۽ ناقابل انتقال حق مهيا ڪري ٿو ۽ شاهدي حاصل ڪرڻ جي مقصد خاطر ڪنهن به قسم جي تشدد جي منع ٿيل آهي. هن پوليس آفيسرن جي لاءِ اقوام متحده جي قانوني طريقي ڪار ڏانهن ڌيان ڇڪايو، جنهن ۾ هر قسم جي غير انساني، تذليل ۽ ظالماڻي سلوڪ ۽ رويي جي منع ڪئي وئي آهي.

صوبي سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ڊاڪٽر ڪليم امام چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ هڪ نظريو آهي جيڪو تنظيمي حڪمت عملين جي حوصله افزائي ڪري ٿو. جنهن وسيلي عوامي امن ۽ امان سميت تحفظ وارن مسئلن مثال طور: ڏوهه، سماجي بي چيني، ڏوهن بابت خوف مٿان قابو پائڻ لاءِ ڀائيچاري ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ٽيڪنڪ جي منظم استعمال ۾ مدد ملي ٿي. آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ڪميونٽي وچ ۾ پيدا ٿيل دوري کي ختم ڪرڻ لاءِ شهري سي بي اي پاران پل تعمير ڪرڻ وارين ڪوشش کي پڻ ساراهيو.

جسٽس (ر) ماجده رضوي چيو ته عوام پاران پوليس جي رويو تبديل ٿي رهيو آهي ۽ زور ڏنو ته عزت شهري جو بنيادي حق آهي. هن پوليس آفيسرن تي زور ڏنو ته اهي ماڻهن خاص ڪري غريب ماڻهن سان پنهنجي رويي ۾ نرمي رکن.

اڳوڻي آءِ جي پوليس سنڌ واجد علي دراني چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڏوهن جي روڪ ٿام ۽ سراغ رساني ۽ عوامي امن ۽ امان جي لاءِ آخري طريقو ۽ آخري حل آهي. هن چيو ته علائقي جي ماڻهن کي ڏوهن ۽ تشدد جي خاتمي جي لاءِ مقامي پوليس آفيسرن کي پنهنجي بهترين مفاد تحت معلومات مهيا ڪرڻ گهرجي. ان جي خيال ۾ اهڙي طرح سان قانون نافذ ڪرڻ واري سرگرمي هڪ گروهي طور تي مسئلا حل ڪرڻ واري سرگرمي ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ اهڙي طرح سان نه رڳو ماڻهو پر پوليس جي وچ ۾ اعتماد ۾ اضافي سميت عوامي تحفظ ۾ اضافو ٿيندو.

ڊي آءِ جي پوليس ايسٽ زون ڊاڪٽر امير فاروقي چيوت ه ڪميوني پوليسنگ ڏوهن کي گهٽ ڪرڻ ۾ پوليس جي مدد ڪري سگهي ٿي ۽ عوام جي وچ ۾ پوليس جي تصور ۾ پڻ بهتري ٿيندي.

ڊي آءِ جي پوليس ويسٽ زون ڊاڪٽر امين يوسف زئي چيو ته پوليس بذات خود ڪميونٽي جي تخليق آهي ۽ ان کي عوامي مسئلن جي حل لاءِ شهرين سان گڏ باعمل گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي.

ڊي آءِ جي پوليس ٽريفڪ ڪراچي جاويد علي مهر چيو ته ڪميونٽي ۽ پوليس جي وچ ۾ رابطي جي وٿي هميشه مسئلن کي جنم ڏنو آهي.

اهڙي طرح سان ورڪشاپ بعنوان ”ذميوار حڪمراني جي لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ“ 30 اپريل 2019ع تي حيدرآباد رينج پوليس سان گڏ منعقد ڪيو ويو. اڳوڻي آءِ جي پوليس نياز احمد صديقي ورڪشاپ جي رهنمائي ڪئي. ايڊيشنل آءِ جي پوليس حيدرآباد رينج ڊاڪٽر ولي الله دل ۽ ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد رينج نعيم شيخ پڻ ورڪشاپ جي سيشن ۾ شرڪت ڪئي. شهري – سي بي اي جي سينيئر ميمبر خطيب احمد ۽ فوزيه طارق ۽ ايس پي هيڊ ڪوارٽر ذوالفقار علي زرداري پڻ ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙن کي خطاب ڪيو.

ورڪشاپ جي آخر ۾ 'Coffee with a Cop' جي عنوان تحت ڪميونٽي ميمبرن ۽ پوليس آفيسرن جي وچ ۾ ڪليل ماحول ۾ گڏيل عمل سيشن منعقد ڪيو ويو. ان سيشن ۾ جنهن جي ميزباني فوزيه طارق پاران ڪئي وئي. ڪميونٽي سان لاڳاپيل مسئلن تي بحث ڪيو ويو ۽ ان جي حل جي لاءِ ممڪن قدم ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون.

# ٻوٽن جي وڻڪاري- ماحولياتي تبديلي جي جدوجهد ۾ بهترين هٿيار

## هر سال تقريبن 15 ارب وڻ ڌرتيءَ تان گهٽجي رهيا آهن.




ڇا ڪڏهن توهان اهڙو تصور ڪيو آهي ته وڻن کان سواءِ زندگي ڪيئن هوندي؟ ٿورو تصور ڪيو ته وڻن کان سواءِ اسان کي ساهه کڻڻ جي لاءِ جهجهي مقدار ۾ آڪسيجن نه ملي سگهندي. نتيجي ۾ زندگي هڪ گنبذ ۾ قيد ٿيندي جتي آڪسيجن مصنوعي طريقي سان مهيا ڪئي ويجي. ڪيترا ماڻهو اهو برداشت ڪرڻ جي قابل هوندا؟ تصور ڪيو ته هر شخص کي پاڻ سان گڏ آڪسيجن سيلنڊر پڻ گڏ رکڻ پوندي. هيٺ ڏنل جدول ۾ اسان اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هڪ شخص کي ساهه کڻڻ لاءِ روزانو ڪيتري مقدار ۾ آڪسيجن گهربل هوندي، ۽ ان تي ڪيتري لاڳت ٿيندي.



اسان هر سيڪنڊ ۾ ڏيڍ ايڪڙ ايراضي کان محروم ٿي رهيا آهيون يا ڌرتي تان تقريبن 15 ارب وڻ ساليانو گهٽجي رهيا آهن. ان ڪري اهڙي نقصان جا منفي اثر ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪيتري تعداد ۾ ٻوٽن جي وڻڪاري جي ضرورت آهي، انهن جو اندازو توهان خود لڳائي سگهوٿا. گذريل صدي ۾ عالمي گرمي پد ۾ 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ جو اضافو ٿي چڪو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ خطرناڪ سامونڊي طوفان، ٻوڏون، خطرناڪ گرمي جون لهرون، لڳاتار گليشئرز جو پگهرڻ، قطب شمال جي برفاني چادر جي ٿولهه ۾ گهٽتائي ٿي آهي.

انهن سمورن سببن جي ڪري اسان لاءِ اهو ضروري ٿئي ٿو ته اسان وڏ کان وڏ ٻوٽن جي وڻڪاري جي لاءِ هڪ مستقل ۽ گهڻي مهم جي فوري طور تي شروعات ڪيون.

وڻ نه رڳو اسان کي روزانو خوراڪ جي حوالي سان لذيذ ۽ صحت بخش ميووا مهيا ڪن ٿا پر خوبصورت پکين ۽ ڪيترن ئي قسم جي جانورن جي لاءِ چپر ۽ چانوَ پڻ مهيا ڪن ٿا.

وڻ فضا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪرڻ سان گڏوگڏ فضا ۾ مختلف زهريلي ۽ نقصانڪار گيسن کي پڻ جذب ڪن ٿا، جن ۾ سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ جهڙيون خطرناڪ گيسون شامل آهن، ان کان سواءِ وڻ فضائي آلودگيءَ کي پڻ گهٽ ڪن ٿا، جنهن ڪري اسان کي ساهه کڻڻ جي لاءِ صاف ۽ تازي هوا ميسر ٿئي ٿي. گاڏين ۽ فيڪٽرين مان نڪرندڙ دونهين جي ڪري وڌندڙ فضائي آلودگي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان وڏ کان وڏ ٻوٽن جي وڻڪاري ڪيون. ان ڪري ٻوٽن جي وڻڪاري جي اهميت کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ رڳو اهي ئي سبب ناهن. وڻڪاري جا ٻيا به ڪيترائي فائدا آهن، جن مان ڪجهه اهم فائدا هيٺ ڏجن ٿا:

- وڻ پکين، جانورين ۽ انسانن کي ميووا ۽ پنن جي شڪل ۾ غذا مهيا ڪندا آهن.
- وڻ حياتياتي قسمن کي پڻ برقرار رکن ٿا.
- وڻ ربڙ، ڪاٺ ۽ ٻيو خام مواد مهيا ڪن ٿا، جن کي اسان مختلف شين مثال طور: فرنيچر، دروازن، درين، ٿانون، اسٽيشنري جي سامان سميت ٻين سينگار وارين شين جي تياري ۾ استعمال ڪيون ٿا.
- وڻ پاڻي کي محفوظ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.
- وڻ پکين توڙي جانورن کي رهائش مهيا ڪن ٿا.
- وڻ ماحوليات کي پائيدار بڻائين ٿا.
- وڻ مٽي کي ٻوڏ دوران هيڏانهن هوڏانهن وهڻ کان روڪين ٿا.
- ريشم جيڪو اسان پهريون ٿا، ۽ استعمال ڪيون ٿا، رومال ۽ ٽشو پيپرن کي اسان

استعمال ڪيون ٿا. اهي اسان کي سڌي يا اڻ سڌي طرح سان وڻن وسيلي حاصل ٿين ٿا.

- دوائن جو وڏو انگ ۽ ڪاسميٽڪس جيڪي اسان استعمال ڪيون ٿا، اهي به اسان کي وڻن وسيلي حاصل ٿين ٿا.

ڪراچي واسين کي 2015ع جي گرمي واري لهر (Heat Wave) ڪي نه وسارڻ گهرجي، جنهن دوران 1200 شهري موت جو ڪاج بڻجي ويا هئا. گرمي جي اهڙي شدت سال جي ان وقت جي وڌيل گرمي پد 5 کان 8 سينٽي گريڊ کان وڌيڪ هئي. سموري دنيا ۾ ٿيندڙ ماحولياتي تبديلي، انهيءَ وڌندڙ گرمي پد جو سڀ کان وڏو سبب وڻن جي کوٽ آهي.

وڻ ماحولياتي نظام ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. وڻ ماحولياتي مطابقت کي برقرار رکن ٿا. ٻوٽن جي وٽڪاري جي وسيلي جڙندڙ هڪ وسيع هنڌ هڪ سرسبز قدرتي علائقي جي تخليق ٿئي ٿي ۽ هڪ تمام گهڻو صحتمند ماحول پيدا ٿئي ٿو، جيڪو زندگي جي سمورن قسمن سميت انسان لاءِ صحتمند هوندو آهي.

ماحوليات جي ماهرن جي تحقيق جي مطابق شهر ۾ لڳايل وڻن جي ڪري گرمي جي موسم ۾ تمام گهڻا گرم ڏينهن شهرن ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ گرمي پد کي 0.5 ڊگري سينٽي گريڊ کان وٺي 2 سينٽي گريڊ تائين ٿڌو رکن ٿا. اهي خطرناڪ گرمي واري لهر جي دوران تمام ضروري آهن، جيئن ته تحقيق مان ثابت ٿئي ٿو ته گرمي پد ۾ هر هڪ ڊگري سينٽي گريڊ جي اضافي جي حوالي سان گرمي جي لهر جي شدت ۾ تقريبن ٽي سيڪڙو جو وڌيڪ اضافو ٿئي ٿو.

پاڪستان ۾ اسان کي اهڙي تباهي وارن سببن کي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ شهري- سي بي اي پاران گرمي پد ۾ ٿيندڙ اهڙي خطرناڪ اضافي تي ظابطو آڻڻ لاءِ ڪيون ويندڙ ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ شهري- سي بي اي جي ڪوشش ۾ هٿ ونڊائڻ گهرجي.

اهڙي تباهي جي واڌ ڪراچي جي ساوڪ کي تباهه ڪرڻ وارين سرگرمين کي ڏوهاري سرگرميون ٺهي چڪي سگهجن ٿيون. مثال طور: پي اِي سي ايڇ ايس سوسائٽي ڪراچي ۾ موجود ڊنڊ پارڪ ۾ شهري- سي بي اي پاران وڏي انگ ۾ گلاب جي ٻوٽن جي وٽڪاري ڪئي وئي ۽ جڏهن اهي وڻ بڻجي جوان ٿيا ته انهن وڻن کي رڳو ڪاٽ وڪٽڻ وارن مذمت لائق مقصدن جي حوالي سان ڪٽيو ويو. انهن وڻن جي جڳهه تي ڪونوڪارپس جا وڻ لڳايا ويا، جنهن ڪري نه رڳو پارڪ جي خوبصورتي ختم ٿي وئي پر ڪونوڪارپس جي ڪري علائقي جي ماڻهن ۾ الرجي واري بيماري پڻ پکڙجي وئي. اهڙي طرح سان جيڪڏهن توهان شهر تي نظر وجهندا ته توهان کي معلوم ٿيندو ته گذريل هڪ ڏهاڪي دوران سمورن وڏن پارڪن ۾ وڻن ۽ ساوڪ کي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ ماڻهن کي تفريحي سرگرمين کان محروم ڪيو ويو آهي. مثال طور: پي اِي سي ايڇ ايس بلاڪ 6 ۾ ماڊل پارڪ، بلاڪ 2 ۾ خالد بن وليد پارڪ، منظور ڪالوني ۾ فيملي پارڪ، ڪلفٽن واري علائقي ۾ ڪيترائي ۽ نارٿ ناظم آباد جي ڪيترن ئي باغن مان وڻن کي ڪٽيو ويو آهي، هاٿي اتي رڳو واري پئي اڏامي، ان کان وڌيڪ بي آر ٽي روڊ سميت ٻين ترقياتي ڪمن جي لاءِ وڏا وڏا وڻ ڪٽيا ويا آهن. هن وڌندڙ ميگا سٽي ۾ پارڪس ڊپارٽمينٽ وٽ هڪ به ٽرانس پلانٽنگ مشين ناهي، جنهن وسيلي انهن لاتعداد وڻن کي بچائي سگهجي.

سخت گرم علائقو بڻجڻ جو سبب شهر جي مختلف روڊن تي وڏين وڏين عمارتن جي تعمير آهي، جنهن ڪري شهر ڪنڪريٽ جي جهنگ واري شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. مثال طور: خالد بن وليد روڊ، شاهراهِ فيصل، شهيد ملت روڊ، ٽيپو سلطان روڊ، علامه اقبال روڊ جتي هر گهر 60 کان 80 اپارٽمينٽ جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي، انهن ۾ ڪليل جڳهه ۽ وڻن جي لاءِ ضروري طور تي مخصوص ايراضي به ناهي ڇڏي وئي. ان جي ڪري شهر هڪ ڪنڪريٽ جي جهنگ واري شڪل ۾ تبديل ٿي ويو آهي ۽ هوا جي گذرڻ لاءِ به ڪا جڳهه خالي ناهي ۽ نتيجي طور شهر جي گرمي پد ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. شهري- سي بي اي پاران پارڪس ڊپارٽمينٽ ڪي ايم سي کي هيٺ ڄاڻايل ڪجهه تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

- رڳو ماهر ماڻهن کي ئي ڪاتي جي سربراهه جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو وڃي.
- ڪاتي جي سموري عملي کي باغباني جي سکيا ڏني وڃي.
- هر هڪ باغ کي خوبصورت بڻائڻ گهرجي، ان کي هڪڙي نگران جي حوالي ڪرڻ گهرجي، جيڪو 05 سالن جي عرصي جي لاءِ ان جي سار سنڀال سميت واڌ ويجهه وارا فرض نڀائڻ لاءِ ذميوار هئڻ گهرجي ۽ ان سلسلي ۾ ان جو به سخت احتساب ڪرڻ گهرجي ته ان باغ جي مد ۾ ملندڙ فنڊ ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ڪيا.
- هر هڪ باغ جي هڪ حصي کي پڪي طور مخصوص ڪرڻ گهرجي، ان جي بجاءِ ته وڻن جي ڪرندڙ پنن کي ساڙيو وڃي، جنهن ڪري هوا جي معيار ۾ خرابي پيدا ٿيندي آهي.
- جيڪڏهن ممڪن هجي ته باغ ۾ جڙي ٻوٽيون يا ميويدار وڻ لڳايا وڃن، ته جيئن باغ جي سار سنڀال ۽ ان جي سينگار جي لاءِ آمدني وارا ذريعا پيدا ٿي سگهن.
- هر وڏي باغ ۾ ريڊ واٽر ٽريٽمينٽ وغيره هجڻ گهرجي.

شهر جي صورت حال جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي شهري- سي بي اي ڪراچي ۾ وٽڪاري واري ذميواري ادا ڪري رهي آهي. اسان جو حدف رڳو ماحولياتي تبديلي جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ آهي. اسان مقامي ٻوٽن ۽ ديسي ٻوٽين جي وٽڪاري کي همٿ ونرائي رهيا آهيون ته جيئن سنڌ جي علائقائي حياتياتي قسمن کي تحفظ مهيا ڪري سگهجي. اسان مختلف ماڻهن کي انفرادي طور تي وٽڪاري جي لاءِ مدد مهيا ڪري رهيا آهيون جيڪي پنهنجن علائقن ۾ وڻ لڳائڻ جا خواهشمند هوندا آهن، اهڙن فردن کي اسان نه رڳو ٻوٽا مهيا ڪيون ٿا پر جتي ضرورت هوندي آهي اتي ماهرن جون خدمتون پڻ مهيا ڪندا آهيون.

هتي اسان اهو واضع ڪرڻ گهرون ٿا ته وٽڪاري ڪندي تصوير موڪلڻ ڪافي ناهي. اسان کي اهڙي ڳالهه کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته جن ٻوٽن جي وٽڪاري ڪئي وئي آهي، انهن جي 6 کان 8 مهينن تائين باقائدگيءَ سان سار سنڀال ڪئي وڃي، انهن کي پاڻي وغيره ڏيڻ گهرجي. وڻ اڪثر طور تي هفتي دوران ٻن کان ٽي دفعا پاڻي ملڻ جي ڪري پنهنجي زندگي کي برقرار رکي سگهن ٿا. انهن ٻوٽن کي ٻڪرين ۽ ٻين جانورن کان بچائڻ گهرجي ۽ سڀ کان وڌيڪ شرارتي ٻارڙن کان انهن ٻوٽن کي بچائڻ گهرجي.

# ڪراچي سان اڃا بہ پيار آهي

دانش آذر ذوبي

مون کي اهو ڄاڻي خوشگوار حيرت ٿي تہ پاڪستان جا ماڻهو دنيا جي سيني ماڻهن کان وڌيڪ خوش زندگي گهاري رهيا آهيون. جنهن بابت درجا بندي 67 هين نمبر تي ڪئي وئي آهي جڏهن تہ هندستان 156 ملڪن جي فهرست واري درجا بندي جي اعتبار سان 140 هين نمبر تي هيو. ورلڊ هيپي نيس رپورٽ ۾ اهڙن انگن ۽ اکرن کي ڪڏ ڪيو ويو آهي. مثال طور هڪڙي فرد جي جي ڊي پي جي واڌ ۽ معيارن سميت صفاتي ڏيڻا مثال طور مددگار، زندگي بهتر گهارڻ جي لاءِ چونڊڻ جي آزادي ۽ بدعنواني سميت ڪرپشن بابت تصور. جن جي بنياد تحت 156 ملڪن جي درجا بندي ڪئي وئي هئي. تازو شايع ٿيل ورلڊ هيپي نيس رپورٽ (فوربس) ب جي مطابق پاڪستان پاران هندستان کي تمام وڏي فرق جي حساب سان شڪست ڏني آهي. جنهن سان پاڪستان جي ماڻهن کي وڌيڪ خوشي حاصل ٿي آهي.

خوشي بابت درجا بندي ۾ هندستان تي پاڪستان جي واضع برتري اڀرندڙ معيشتن ۾ ڪجھ تجزيي نگارن جي لاءِ حيراني جو سبب بڻي آهي. هندستان جي معيشت پاڪستان جي مقابلي ۾ تمام گهڻي انداز ۾ بهتري واري پاسي ڏانهن وڃي رهي آهي. مثال طور: پاڪستان جي مقابلي ۾ هندستان جي عالمي منڊين ۾ مقابلو ڪرڻ واري صلاحيت، جي ڊي پي جو ڪاٿو ۽ واڌ ۽ افراطِ زرجي انگ ۽ اکر وغيره ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي.

هڪ ٻي خبر: تازو ڪيل سروي ۾ دنيا جي ”سڀ کان وڌيڪ ناقابل رهائشي شهرن“ واري لسٽ ۾ ڪراچي کي تقريبن سيني کان وڌيڪ هيٺئين درجي تي رکيو ويو آهي. هر سال اِي آءِ يو 140 شهرن کي مختلف مقصدن جي بنياد تحت 100 مان ڳڻپ ڪئي ويندي آهي. انهن مقصدن ۾ معيارِ زندگي، ڏوهن جو تعداد، ٽرانسپورٽ،انفراسٽرڪچر، تعليم ۽ طبي سهولتن تائين پهچ ۽ ان سان گڏوگڏ سياسي ۽ معاشي پائيداري پڻ شامل هوندي آهي.

هن سال اهڙي لسٽ ۾ ڪراچي کي 136 هين نمبر تي رکيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪراچي دنيا اندر پنجون سيني کان وڌيڪ ناقابلِ رهائشي شهر آهي جيڪو رڳو شام جي شهر دمشق، نائيجيريا جي شهر لاگوس، بنگلاديش جي شهر ڍاڪا ۽ لبيا جي شهر ترپولي کان بهتر هو. ٿورو سوچيو تہ اسان ڪراچي واسي پنهنجي پياري شهر کي لبيا ۽ شام جهڙن جنگ ۾ ورتل ملڪن جي سطح تي اچي پهتو آهي. اسان حقيقي ويڙهاڪ هونداسين ۽ اسان خوش زندگي گهارڻ کي اوليت ڏيون ٿا.

بحرحال اسان گهٽ ۾ گهٽ اهو چئي سگهون ٿا تہ ڪراچي جيڪڏهن حالتِ جنگ ۾ ناهي تہ جنگ جهڙي ايمرجنسيءَ ۾ ضرور مبتلا آهي. اسان محبت_ نفرت جي پائيدار رستي ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيون. جنهن کي نظر انداز ڪرڻ ڏکيو ناهي تہ اسان ماڻهو سيني کان وڌيڪ ظالماڻي بجلي جي لوڊ شيڊنگ ۽ اونداهيءَ کي برداشت ڪري رهيا آهيون. ٻي آرام ننڊ کان محروم راتيون گهاري رهيا آهيون. پنهنجي بجلي ۽ گيس وغيره جا بل ادا ڪيون ٿا ۽ ايندڙ صبح جو وري پنهنجي ڪمن تي هليا وڃون ٿا. اسان کي اٿليل گٽرن ۽ مون سون جي مينهن واري موسم ۾ ڏيندن سان منهن ڏيڻ لاءِ رستا ڳولهڻا پون ٿا. اسان ڄاڻون ٿا تہ روڊن تي موجود ٽريفڪ ڪنسٽيبل جي اکين ۾ دونهون وجهندي ڪيئن نہ اسان کي روڊ تان گذرڻو آهي. ڪنهن بہ قسم جي پبلڪ ٽرانسپورٽ جو نظر اچڻ تقريبن ممڪن ناهي هوندو. جنهن وسيلي اسان سفر ڪري سگهون. پر اهڙي سموري صورتحال باوجود اسان موجود مسئلن سان منهن ڏيڻ ڄاڻون ٿا. اسان زندهہ رهڻ وارو هنر سکي ڇڏيو آهي. حالاڪ ڪجھ ماڻهو چون ٿا تہ ڪراچي شهر بدانتظامي ۽ خراب حڪمراني جو هڪ اڻ مٽ نشان آهي.

هلو... اعليٰ ۽ اشرافيا طبقي کي نظر انداز ڪيون ٿا. هڪ سيڪڙو شاهوڪار ۽ طاقتور ماڻهن کي بہ ڇڏيون ٿا. جن پنهنجا مظبوط ۽ محفوظ علائقا جوڙي ورتا آهن. اسان 90 سيڪڙو حقيقي ماڻهن جي ڳالھ ڪيون ٿا. جيڪي غير



صحتمند ماحول ۽ ناقابلِ رهائش حالتن ۾ حقيقي طور تي زندگي گهارڻ لاءِ مجبور آهن. پر ڪراچي جا اهي حقيقي شهري انهن سيني مسئلن جي باوجود خوشين ڀري زندگي گهارڻ وارو بوجهہ کڻڻ جو هنر پڻ ڄاڻن ٿا. موسمي برسات پوندي آهي تہ شهر اندر سهولتون مهيا ڪرڻ وارو سمورو نظام ٺپ ٿي ويندو آهي. اسان پنهنجي ئي گند ۽ ڪچري ۾ گهيرجي ويندا آهيون ، ڇاڪاڻ تہ شهر مان گند ۽ ڪچرو کڻڻ ۽ اڇلائڻ جو ڪو بنيادي انتظام موجود ئي ناهي، ۽ اسان پنهنجو سموري سيوريج سمنڊ ۾ وهايون ٿا. ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ سيوريج نظام ڪارآمد ناهي. پيئڻ جي لاءِ صاف پاڻي موجود ناهي. مسئلن جي لسٽ تمام ڊگهي آهي ۽ شايد ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ اها ڳالهہ عام آهي. پر هتي انهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ناهي، پر ڪراچي جي ماڻهن جي اُسرڻ واري قوت بابت آهي.

اسان مان ڪيترن ئي ڪراچي کي اٿين ئي ڏٺو آهي، جيئن هاڻي موجود آهي. حڪمراني جي ناقابل، پر توانائي سان ڀرپور. ڪراچي پنهنجي سمورين خراب حالتن باوجود ڪروڙين ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو آهي. ڪراچي پنهنجي دولت وسيلي باقي سموري ملڪ جو پيٽ پالي ٿو. هڪ اندازي مطابق 120 ارب رپين جي لڳ ڀڳ جي ڊي پي سان گڏ ڪراچي سنڌ جي ٽوٽل علائقائي پيداوار ۽ پاڪستان جي

ٽوٽل جي ڊي پي ۾ تقريبن 20 سيڪڙو حصو شامل ڪري ٿو. ڪراچي ۾ سڀ کان وڏي بي قائدگي واري معيشت آهي، جنهن کي پاڪستان جي جي ڊي پي جي ڪاتي ۾ ظاهر نہ ٿو ڪيو وڃي. پاڪستان جي معيشت جو تقريبن 36 سيڪڙو حصو آهي، جيڪو معيشت واري قائدي تي مشتمل آهي، ۽ شهري جي ٻي قائدي جي افرادي قوت ۽ سموري پاڪستان کان هجرت ڪري ايندڙن جي تقريبن 70 سيڪڙو انگ کي روزگار مهيا ڪري ٿو ۽ انهن مهاجرن کي ڪراچي ۾ پنهنجا گهر مهيا ڪري ٿو. گلوبل ميٽرو مانيٽر جي رپورٽ 2018ع ۾ پاڪستان ۾ ڪراچي جي معيشت کي سڀ کان بهتر ڪارڪردگي واري شهري معيشت قرار ڏنو ويو آهي.

بدقسمتيءَ سان ڪراچي شهر سياست جو ميدان جنگ بڻجي چڪو آهي. هر ڌر چاهي اها سياسي هجي يا ٻين مفاد پرست عنصرن جي، ڪراچي جو ڪاروهنوار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ کي ئي اوليت ٿي. ڇاڪاڻ تہ هي ملڪ جو سڀ کان وڏيڪ پيداواري ۽ منافعي بخش حصو آهي. ڪيترين ئي معصوم شهرين جون قيمتي جانيون اهڙي مفادن واري جنگ ۾ پيسجي ويون. ڪراچي سون جو آنو ڏيندڙ ڪُڪڙ آهي، جنهن کي هر ڌر حاصل ڪرڻ ۽ مارڻ گهري ٿي. پر سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ عوام جي لاءِ زندگي جو سلسلو جيئن جو تيئن جاري آهي، جڏهن تہ مفاد پرست ڌريون شهر جي زندگي کي مفلوج ڪرڻ واري منصوبہ بندي ۾ رڌل آهن. اهڙي ماحول ۾ اها ڳالهہ سوچڻ واري آهي تہ ڇا اها شهرين جي روحاني طاقت، صبر ۽ اميد آهي تہ هڪڙي ڏينهن سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. ڪراچي واسي ڪيئن زندهہ رهي سگهن ٿا، جيڪڏهن ڪراچي واسي اهو يقين ڪرڻ ڇڏي ڏين تہ هڪ ڏينهن هتي امن ٿيندو ۽ اهي سموريون شيطاني قوتون جيڪي شهر جو امن خراب ڪرڻ لاءِ اٽل آهن، هڪ ڏينهن پاڻ کي تباهہ ڪري ڇڏينديون؟..

يقينن سمورن وڏن شهرن جا پنهنجا مسئلا هوندا آهن، ۽ اهو يقين ڪرڻ قابل فهم آهي تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي، پر انهن ماڻهن جي همت کي داد ڏيڻو پوندو، جيڪي نهايت ئي خراب حالتن ۽ افرا تفري وارين حالتن ۾ بہ زندگي گهارڻ جي همت ڪندي جي رهيا آهن. شايد انهن شهرين خطرن ۾ زندهہ رهڻ وارو هنر سکي ورتو آهي. پوءِ شام ٿيندي آهي، جڏهن سج لهڻ لڳندو آهي ۽ سندن چهرن تي هڪ موجود غير متوقع مسڪراهٽ نظر ايندي آهي. انهن جي اکين ۾ هڪ عجيب، غريب ۽ پر امن روشني هوندي آهي. سموري ڏينهن جي ٿڪاوٽ غالب ايندي آهي ۽ اسان سيئي ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهيون، اها تمام سٺي ڳالهہ آهي ۽ ڪين ان جو بدلو ملڻ گهرجي. جيڪڏهن ان بابت ڪو انعام آهي تہ ڪراچي واسين کي ”دنيا جي سيني کان وڌيڪ باهمت ۽ لچڪدار عوام“ وارو لقب وارو اعزاز ملڻ گهرجي، ۽ ڪين انهيءَ فهرست ۾ سڀ کان مٿانهين درجي تي هئڻ گهرجي.

اسان کي يقين آهي تہ ڪراچي هي سڀ ڪجهہ برداشت ڪندي، ان لاءِ نہ تہ هتي ڪجهہ سٺا ماڻهو بہ موجود آهن، پر ان لاءِ تہ هتي تمام جهجهي انگ ۾ سٺا مرد ۽ عورتون آهن جيڪي نظام جو حصو بڻيل آهن، جيڪي هار ڪائڻ لاءِ تيار ئي ناهن. پاڪستان جي ماڻهن خاص ڪري ڪراچي واسين دنيا جي تقريبن هر قوم کي انساني همدردي جي حوالي سان ڪيترائي پيرا وڌيڪ پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. اهڙي شڪايت ڪئي وڃي ٿي تہ اسان جي ملڪ جا ذهين ماڻهو ملڪ ۽ شهر ڇڏي ويندا آهن پر اسان پنهنجي چوڦير نظر ڦيرائيندا سين تہ اسان کي ذهين ۽ مخلص ماڻهن جو ميڙ نظر ايندو جيڪي مختلف ادارن، غير سرڪاري تنظيمن ۾ بغير ڪنهن ذاتي مقصد، لالچ، لوڀ جي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ شهر ۽ ان ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. انهن ۾ رڳو ڪراچي واسي ئي ناهن پر پرڏيهي ماڻهو بہ شامل آهن، جيڪي ڪڏهن ڪراچي آيا هئا ۽ ان جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويا هئا.

سسٽر گرٽروڊليمنس هڪ ڊچ عورت هئي، انهيءَ ڪراچي ۾ ” دارالسڪون“ جي نالي سان هڪ ذهني معذور، يتيم ٻارڙن ۽ پوڙهن ماڻهن لاءِ هڪ شيلٽر هوم قائم ڪيو هو. هوءَ ڪراچي ۾ 1940ع کان وٺي رهندڙ هئي، ايسيتائين جو هن هتي ئي 2000ع ۾ وفات ڪئي. هن ڪراچي جي لاءِ پنهنجي سموري زندگي ارپي ڇڏي، سندس مگيندو ڪيس واپس وٺڻ جي لاءِ ڪراچي آيو پر گرٽروڊليمنس ڪراچي ۾ پنهنجي ڪم سان چنبڙي پئي ۽ هن واپس پنهنجي ملڪ وڃڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي منگڻي بہ ٽوڙي ڇڏي.

ڊاڪٽر رٿ فائو هڪ جرمن عورت هئي. هوءَ 1961ع ۾ جرمني کان ڪراچي آئي ۽ پاڪستان ۾ ڪوڙهہ واري بيماري جي خلاف جنگ لاءِ پنهنجي سموري زندگي جا 55 کان وڌيڪ سال ڏئي ڇڏيا. جڏهن هوءَ ڪراچي ۾ هئي تہ اتفاق سان هن ميڪلوڊروڊ جي سامهون سٽي ريلوي اسٽيشن جي ويجهو موجود ڪوڙهہ جي مرض ۾ وڪوڙيل مريضن جي ڪالوني جو دورو ڪيو. اتي ان فيصلو ڪيو تہ ڪوڙهہ جي مرض ۾ وڪوڙيل مريضن جي سار سنڀال ڪرڻ ئي سندس زندگيءَ جو مقصد آهي. انهيءَ علائقي جي هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ ڪوڙهہ جي مريضن جي لاءِ طبي طور تي ڊاڪٽر طور شروعات ڪئي. ميري ايڊيليڊ ليپروسي سينٽر قائم ڪيو ( جيڪو بعد ۾ ٽپ دق جي مرض ۽ اکين کان محروم مريضن جي لاءِ سماجي ڪمن تائين وسيع ٿيو).

ڊاڪٽر رٿ فائو ”پاڪستان جي مدر ٽريسا“ جي نالي سان سڃاڻپ ٿيڻ لڳي. هن سموري پاڪستان ۾ 157 ڪوڙهہ جون اسپتالون قائم ڪيون، جن مان 57،780 کان وڌيڪ ڪوڙهہ جي بيماري ۾ ورتل مريضن جو علاج ڪيو.

ڪجهہ ماڻهن جي تڪليفن کان سواءِ ڪراچي ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي ڪري فرشتا هتي اچن ٿا. هي ڪراچي جي ماڻهون اهن، جيڪي بهتر اڪائي- ۾ پنهنجي ان اميد تحت هڪ جپاني دوست پاران جنهن گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪراچي کي پنهنجو گهر بڻايو آهي، هو ڪراچي جي ثقافت ۾ رنگجي ويو آهي، هو ڪراچي ۾ هڪ خيراتي منصوبي سان واڳيل آهي ۽ پاڪستان ۽ جپان جي وچ ۾ بهترين سفير وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي فيس بڪ واري صفحي تي لکيو آهي تہ:

”دنيا جي چوٽين سڀ کان وڌيڪ قابل رهائش (خوشگوار) شهر اوساڪا کان دنيا جي پنجين سڀ کان گهٽ ناقابل رهائش (ناخوشگوار) شهر ڪراچي تائين، اڪنامسٽ انٽيلي جنس يونٽ جي گلوبل قابل رهائش انڊيڪس 2019ع جي مطابق، ليڪن مون کي ان تي ڪوبہ پڇتاءُ ناهي . مان هاڻي بہ ڪراچيءَ سان پيار ڪيان ٿو، ڪراچي واسي تمام سٺا ماڻهو آهن.“ (محمد عظمت، شهگي يوڪي اتاڪا).

ڪراچي جا شهري فاتح آهن.

# شهري - بهتر ماحول لاءِ شهري

## تعارف

شهري-سي بي اي (شهري بهتر ماحول لاءِ شهري) ڪراچي ۾ قائم هڪ رضاڪاراڻ تائيدي گروهه آهي جنهن کي حساس ۽ همدرد شهرين 1988ع ۾ قدرتي ماحول جي تباهي ۽ ڪيس بيهر تعمير ڪرڻ جي متعلق پنهنجا خدشا اجاگر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو هو.

شهري غير قانوني تعميرات، درجه بندي جي خلاف ورزين ۽ ان سان لاڳاپيل علامتون مثال طور گندي پاڻي جي نيڪالي، ناجائز اڏاوتن، پارڪنگ ۽ انفرااسٽرڪچر سان نمٽڻ تي خصوصي زور ڏئي ٿو. شهري-سي بي اي باقاعده ادارن ۽ حڪومتي ايجنسين جي نگراني ڪري ٿو ۽ سول سوسائٽي جي ائين ئي ڪرڻ لاءِ حوصله افزائي ڪري ٿو.

## ڪاميابيون

سنڌ سينئر سٽيزن ويلفيئر بل 2014 جي منظوري.

ڪلفٽن روڊ جا اعلان ڪيل روڊ ويڪرا ڪرڻ جي جڳهه تي گلاس ٽاور جي غير قانوني اڏاوتن جو انهدام.

منگهوپير روڊ تي گٽر باغيچي جي 655 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ. هي لياري جي گهٽ آمدني واري گنجان آباد علائقي جي جنهن ۾ تقريبن 10 لک ماڻهو رهائش پزير آهن سيني کان وڏي کلي تفريحي جڳهه آهي.

ڪراچي ڪو-آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين ۾ ڪڏني هل پارڪ جي 62 ايڪڙ ايراضي بشمول ڪي ڊبليو ايس بي جي اعلان ڪيل تنصيبات جي 18 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ.

ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ڪي بي سي اي) جي نگران ڪميٽي ۽ هڪ عوامي معلوماتي ڪائونٽر جو قيام.

ڪراچي ۽ سنڌ ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 11 ۽ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 15 بس ڊيوئن جي ڪمرشلائزيشن ۽ وڪري کي روڪرائڻ. اڄ ڪلهه هي پلاٽ سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي بين الشهر بسن جي اڏن ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل ٻين سرگرمين لاءِ استعمال ڪري رهي آهي.

لائنز ايريا ڪراچي ۾ راند جا ميدان (ميڪرو) ويب گرائونڊ جو تحفظ.

باغ ابنِ قاسم ڪلفٽن جي رفاهي پلاٽ ۾ ڪوسٽالينا اپارٽمينٽ جي ڊانچي کي ڊاهڻ. سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي هاڻ هتي هڪ پارڪ ٺاهي ڇڏيو آهي.

لاهور ۾ ڊونگي گرائونڊ پارڪ/راند جي ميدان جي ڪمرشلائزيشن جي روڪٿام.

لاهور بچاءُ تحريڪ جي هڪ حصي طور تي ڪينال بينڪ توسيع منصوبي سان ٿيڻ واري نقصان جي مقدار کي گهٽ ڪرڻ.

ڪوئٽه ۾ زلزلي جي جهٽڪي کان بچاءُ جي تعميراتي قانون جي بيهر توثيق.

شهري-پوليس گڏيل عمل ۾ شرڪت، انساني حقن جي خلاف ورزين ۽ پوليس اصلاحن تي سموري پاڪستان مان تقريبن 1600 پوليس اهلڪارن جي تربيت.

گذريل سالن ۾ مسلمه ماحولياتي خلاف ورزين سان لاڳاپيل مقدمن ۾ شهري جي ماهراڻ خدمتن کي اعليٰ عدالتن تسليم ڪيو آهي ۽ اُن کي (aimicus curiae) ”عدالت جو دوست“ جي خطاب سان نوازيو آهي.

## هدف/مقصد

هڪ آگاهه ۽ باعمل سول سوسائٽي، سٺي حڪمراني، شفافيت ۽ قانون جي حڪمراني جو قيام.

سرڪاري پاليسين جي اثر ۽ انهن تي تحقيق، دستاويزي بنائڻ ۽ مڪالمه ڪرڻ کي واڌارو ڏيڻ.

هڪ موثر ۽ نمائنده مقامي حڪومت جي نظام کي مستحڪم ڪرڻ.

ڪراچي شهر لاءِ هڪ نمائنده ماسٽر پلان/زوننگ پلان جي تياري ۽ انهن تي موثر عملدرآمد.

معاشري ۾ بنيادي انساني حقن جي پابندي.

## شهري ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟

هڪ رضاڪاراڻ انتظامي ڪميٽي جنهن کي جنرل باڊي ذريعي هڪ ٻه ساله مدي لاءِ چونڊيو ويندو آهي، جيڪو ڪليل ۽ جمهوري اصولن تي انتظامي ڪمن کي انجام ڏيئي ٿي. رڪنيت (ميمبرشپ) هر خاص ۽ عام لاءِ کليل آهن جيڪي شهري جي هدفن ۽ اغراض ۽ مقصدن ۽ يادداشت (ميموريندم) سان متفق آهن.

### شهري لاءِ رضاڪارن جي ضرورت آهي

شهري جا مختلف منصوبا هيٺ ڏنل ڇهه ذيلي ڪميٽين جي وساطت سان هلايا وڃن ٿا.

- قانوني معاملا/ڪم
- ميڊيا ۽ ٻاهريان رابطا
- ڍهه لک وڻن جي وٽڪاري مهم
- ثقافتي ورثي جو تحفظ ۽ بحالي
- مالي حصول
- اسلحي کان پاڪ معاشرو

### شهري جي ميمبرشپ:

2020ع لاءِ پنهنجي ميمبرشپ جي تجديد ڪرائڻ نه وسارجو.

”شهري-سي بيِ اِي“ ۾ شرڪت ڪريو ۽ هڪ سٺي شهري طورهن شهر کي صاف رکڻ، صحت بخش ۽ ماحول دوست ماڳ بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪريو

### شهري ۾ شامل ٿي وڃو

هڪ بهتر ماحول ٺاهڻ لاءِ
مبلغ -/2000 روپيه جي ڪراس چيڪ تحت
(سالانه ميمبرشپ فيس)
نالي: شهري-سي بيِ اِي
پاسپورٽ سائز فوٽو سان گڏ
هنڌ: R-88 بلاڪ2، پي اي سي ايڇ ايس، ڪراچي-75400
ٽيليفون/فيڪس:92-21-3453-0646

نالو: ________________

ٽيليفون (گهر) ________________

ٽيليفون (آفيس) ________________

هنڌ: ________________

پيشو ________________